# انٽرنيشنل سوشلسٽ

**مارڪسزم ڇا آهي ، هي نظريو ڪهڙ ي طرح عمل ۾ ايندو ، دنيا ڪي بدلائڻ لاءِ ڪهڙا دليل آهن ، انـهن سوالن جا جواب ڪرس هارمن ڏي ٿو**

# مارڪسي نظريو ۽ اڄ جي دنيا

**تحرير؛ ڪرس هارمن**
**سنڌيڪار : ريحانه چنڙ**

انٽرنيشنل سوشلسٽ پبليڪيشنز، پي او باڪس8404 ، ڪراچي
internationalsocialistpakistan@yahoo.com
ويب سائيٽ : www.worldtowinpk.net

**قيمت : 15 روپيه**

# تعارف

اها عام چوڻي  آهي ته مارڪسزم ڏکيو آهي. اهو هڪ اهڙو خيال آهي جنهن جي پروپئگنبده سوشلزم دشمن حلقو ڪندو آهي . ڪنهن وڏي سياستدان هڪ دفعي چيو هو ته هو مارڪس جي ڪتاب سرمايي (داس ڪيپيٽل) ڪي پهرين صفحي کان ڪڏهن به  اڳتي پڙهي نه سگهيو آهي . انهي خام خيالي جي حوصلا  افزائي  دانشورن جو هڪ خاص حلقو به ڪندو آهي، جيڪي پنهنجو پاڻ کي " مارڪسوادي" سڏائيندا آهن. اِهي چاٽي واٽي ڏکيا لفظ ۽ جملا استعمال ڪري اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته اُهي هڪ اهڙي خاص علم تي دسترس رکن ٿا جيڪو بيا ماڻهو نٿا ڄاڻن .

ان ڪري اها ايڏي حيرت جي ڳالهه نه آهي  ته ڪيترائي سوشلسٽ جيڪي ڪارخانن، ڪاٽين يا آفيسن ۾ هفتي جا چاليهه ڪلاڪ ڪم ڪن ٿا، اهو سوچي ڇڏيندا آهن ته مارڪسزم هڪ اهڙي شيءِ آهي، جنهن کي سمجهڻ لاءِ هنن کي وقت يا موقعو ڪڏهن به ملي نه سگهندو.

حقيقت اها آهي ته ڪارل مارڪس جا بنيادي خيال بي حد سولا ۽ سادا آهن. اسان جنهن معاشري ۾ رهون ٿا ان جي وضاحت جهڙي طرح مارڪسي خيال ڪن ٿا، ٻيو ڪو نٿو ڪري سگهي. مارڪسي خيال بحرانن جي ور چڙهيل " wracked دنيا" جي اڪثريت جي وچ ۾ غربت، فوجي بغاوتن ۽ آمريتن جي پوري وضاحت ڪن ٿا.

اهڙين جمهوريتن (جيئن آمريڪا، برطانيا) جا پول پڌرا ڪن ٿا، جيڪي تشدد جي حوصلا  افزائي ڪن ٿيون ۽ ان سان گڏوگڏ انهن نالي ماتر سوشلسٽ رياستن  جي حقيقت کي به پڌرو ڪن ٿا، جيڪي هڪ ٻئي جي عوام کي نيوڪليئر ميزائيلن  جون ڌمڪيون ڏين ٿيون

دراصل نالي چڙهيل دانشور مارڪسي  خيالن کي هڪ انڌي جي ڳولا ٻڌائي ڇڏيندا آهن، جيڪي سمجهڻ لاءِ ڪا سولي واٽ نه ڏسيندا آهن ۽ تمام ٿورين شين جي وضاحت ڪري سگهندا آهن .

جيتوڻيڪ مارڪسزم کو ڏکيو ڪونهي پر جيڪي پهريون دفعو مارڪس جون لکٽيون پڙهن ٿا ته انهن پڙهندڙن  کي اها ڏکيائي ضرور پيش

ايندي آهي ته  مارڪس جون لکڻيون لڳ ڀڳ هڪ صدي ڪان به اڳ جون لکيل آهن ، هن ان وقت جيڪا زبان استعمال ڪئي ، ان وقت جي ماڻهن جي چاتل سڃاتل شخصيتن ۽ واقعن جا حوالا ڏنا ، جن بابت هاڻي فقط ڪجهه تاريخدانن کي خبر آهي .

مون کي پنهنجو مونجهارو به ياد آهي جڏهن آئون اڃا اسڪول ۾ پڙهندو هوس، ان وقت مون مارڪس جو هڪ پمفليٽ "لوئي بونا پارٽ جي 18 هين برو مائير " پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي . مونکي اها خبر ئي نه هئي ته برومائير ڇا آهي ۽ لوئي بونا پارٽ ڪيرهو. ڪيترن ئي سوشلسٽن مارڪس ازم تي گرفت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش کي خيرباد چيو هوندو ، جيڪي اهڙي ڪنهن تجربي مان گذريا هوندا. ۽ اهو ئي هن چوپڙي (پمفليٽ) لکڻ جو سبب به آهي. هي مارڪسي خيالن جي تعارف پيش ڪرڻ جي هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي .اهو سوشلسٽن کي ٻڌائي ٿو ته مارڪس جو مقصد ڇا هو ۽ اهو به ان ڪانپوءِ مارڪسزم ۾ ٿيڻ واري پيش رفت بابت به ٻڌائي ٿو جيڪي فريبرڪ اينگلز، لوزالڪسمبرگ،ولاديمير لينن ۽ ٽراٽسڪي جهڙن مفڪرن جي هٿان ٿي .

هن پفليٽ جو گهڻو تڻو مواد سوشلسٽ ورڪرز پارٽي (برطانوي هفتيوار مزدور رسالو)جي رسالي ۾سيريز ”آسان مارڪسزم جي عنوان سان ڇپيو هو ، پر مون ڪافي نئون مواد به شامل ڪيو آهي ، جڏهن ته ڪجهه شيون  مارڪسي خيالن کي سادي طريقي سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش خاطر لکيل مواد مان ڪنيل آهن ، جنهن ۾ ڊنڪن هالاس جي ’ مارڪسزم جي معنيٰ ‘ ۽ نارويچ کي ايس ڊبليوپي جي ”مارڪسين جي لاءِتعليم سيريز شامل آهن .

انٽرنيشنل سوشلسٽ ، ڪراچي

فيبروري 2009

# اسان کي مارکسي نظريي جي ضرورت چو آهي ؟

اسان کي نظريي جي ضرورت ڇا جي لاءِ آهي ؟ جڏهن ته اسان کي خبر آهي ته بحران موجود آهي ، اسان کي خبر آهي ته اسان کي نوڪري ڏيڻ وارا اسان کي ڦُريندا آهن، اسان کي خبر آهي اسان سڀئي هن صورتحال جي ڪري بيوس آهيون، اسان کي علم آهي ته اسان کي سوشلزم کپي.باقي سڀ ڪجهه ته دانشورن جو ڪم آهي .

توهان اڪثر اهڙا جملا ۽ لفظ سرگرم سوشلسٽن ۽ ٽريڊ يونين وارن کان ٻڌندا هوندا . سوشلسٽن جا مخالف اهڙي نقطئه نظر جي ڀرپور حوصلاافزائي ڪندا آهن، جنهن مان اُهي اِهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته مارڪسزم هڪ ڏکيو، منجهيل ۽ بور ڪرڻ وارو نظريو آهي .

بقول انهن جي ته ”سوشلسٽ نظريا خيالي آهن.ممڪن آهي ته ٿيوري ۾ ته صحيح ڏسڻ ۾ ايندا هجن پر حقيقي دنيا ۾ ته عام فهم اسان کي ٻيو ڪجهه ٻڌائي ٿو.

انهن دليلن سان مصيبت اها آهي ته ، جيتوڻيڪ اهي قبول ڪرڻ کان ڀلي انڪاري ڪن، پر پوءِ به اهي دليل ڏيڻ وارا ڪنهن نه ڪنهن” نظريي“ سان لاڳاپيل ضرور هوندا آهن. ٿورڙو توهان انهن کان معاشري جي باري ۾ ڪو سوال ڪريو ته اهي ان جو جواب ڪنهن نه ڪنهن اخذ ڪيل فارمولي يا جنرلائيزيشن سان ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا .

مثال طور:

’ماڻهو فطرتن خود غرض هوندا آهن‘.

” سخت محنت ڪرڻ سان ڪوبه ماڻهو عظيم بنجي سگهي ٿو.

”ڪرنڌڙ اخلاقي معيار جي ڪري ملڪ ان حال تي پهتو آهي؟.

ڪنهن به گهٽي، پاڙي، چوڪ، بس اسٽاپ يا وري ڪنهن هوٽل ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ جي گفتگو تي غور ڪندؤ ته اهڙيون ڪوڙ ساريون

ڳالهيون توهان جي سامهون ايندين جنهن ۾ توهان کي هڪ ئي نقطئه نظر ملندو ته معاشرو ڇو اهڙو آهي. جهڙو هو آهي، ٻيو ته ماڻهون ڪيئن پنهنجي زندگي ٺاهي سگهن ٿا. اهي سڀئي خيال ، معاشرتي يا سماجي نظريا آهن جڏهن ماڻهون چوندا آهن ته هنن وٽ ڪوبه نظريو يا ٿيوري ناهي، (ڪنهن به قسم جي نظريي يا خيال کان)، ان ڳالهه کان انڪار جو سڌو سنئون مطلب اهو ٿو نڪري ته ، اجا تائين هنن ماڻهن پنهنجي خيالن کي واضح يا ناهي ڪيو. اها صورتحال خاص طور تي هر ان فرد لاءِ خطرناڪ آهي جيڪو معاشري کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي.

معاشرو جنهن بدحالي جو شڪار آهي ان جون تشريحون (وضاحتون) ٽي وي، ريڊيو ۽ اخبارون مسلسل اسان جي ذهن ۾ وجهنديون رهن ٿيون.ڪين اميد هوندي آهي ته جيڪي ڪجهه هو مسئلن، (بر نشانين) جي باري ۾ ٻڌائين ٿا، ان کي اسان بغير ڪنهن سوچ ويچار جي قبول ڪري وٺنداسين.

پر توهان جي معاشري کي تبديل ڪرڻ واري ويڙهه تيستائين بامقصد نٿي ٿي سگهي جيستائين توهان ان ڳالهه کي نه سمجهندا ته انهن مختلف قسمن جي دليلن ۾ غلطيون (خاميون) ڪهڙيون آهن. ايئن سڀ کان پهريان 150 سال اڳ ڏيکاريو ويو 1830ع جي ڏهاڪي ۾ انگلينڊ جي ڪجهه علائقن جيئن اترين، الهندي علائقن ۾ صنعتن جي زور ونڻ جي نتيجي ۾ سوين هزارين عورتن مردن ۽ ٻارن کي ڪم جي بدلي انتهائي گهٽ مزدوري ڏني ويندي هئي. ڪين بيحد گندي ۽ ناقابل يقين حد تائين ناخوشگوار حالتن ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو ويو هو. هنن ماڻهن ان ظلم خلاف ويڙهه وڙهي، مزدور تنظيمن يعني ٽريڊ يونين ۽ برطانيه ۾ مزدورن جي سياسي حقن جي تحريڪ (چارٽ ازم) ڪان وڙهڻ جي شروعات ڪئي، انهن تحريڪن سان گڏ سوشلزم جا شروعاتي نئيڙا جٽا پڻ گڏ هئا جن جو مقصد حيات سوشلزم جي ڪاميابي هو.

جلد ئي اهو مسئلو اٿيو ته مزدور تحريڪ ڪهڙي نموني پنهنجا مقصد حاصل ڪري سگهي ٿي. ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ته معاشري جي حڪمرانن کي قائل ڪري سمجهايو وڃي ته پوءِ معاملن يا شين جو پرامن نموني سان تبديل ٿيڻ ممڪن آهي. ڪجهه ماڻهن مادي قوتن جي استعمال جي ضرورت کي تسليم ڪيو، پر اهو خيال به آيو ته اهو مقصد معاشري کان

ڪٿيل ڪجهه ننڍڙي سازشي گروپن جي وسيلي حاصل ڪري سگهجي ٿو. ان طريقي به سوين هزارين ماڻهن کي جدوجهد ۾ آندو. پر آخر ۾ ان جو انجام به شڪست ۽ مايوسي تي ٿيو.

اجان به ڪيترن ماڻهن کي يقين هو ته مزدور فوج ۽ پوليس سان چڪرين ۾ اچڻ کان سواءِ صرف معاشي ايڪن سان پنهنجا مقصد حاصل ڪري سگهن ٿا. هن دفعي به سندن دليل عوامي ايڪن ڏانهن هئا، 1842ع ۾ انگلينڊ جي اترين صنعتي علائقن ۾ مزدورن ڇئن هفتن تائين ويڙهه وڙهي، ايتري حد تائين جو بک ۽ بدحالي کين پيهر ڪم تي چڙهڻ تي مجبور ڪيو. مزدورن جي جدوجهد جڏهن پنهنجي شڪست جي پهرين دؤر جي پڇاڙي ڏانهن وڃي رهي هئي ان وقت 1848ع ۾ سوشلسٽ ڪارل مارڪس پنهنجا خيال ڪميونسٽ سرشتو ناهي پمفليٽ ۾ پوري طرح بيان ڪيا ان جا خيال آسمان مان ڪونه لٿا هئا. انهن ۾ ڪوشش ڪئي ويئي هئي ته ان وقت جي مزدورن جي طرفان اٿاريل سپني سوالن کي حل ڪرڻ جو بنياد مهيا ڪيو وڃي.

جن خيالن کي مارڪس اڳتي وڌايو، اهي اڄ به اهم ۽ ڪارآمد آهن، اهو چوڻ انتهائي بيوقوفي آهي، جيئن ڪجهه ماڻهون چوندا آهن ته ڪارل مارڪس جا خيال ان لاءِ پراڻا ٿي چڪا آهن چو ته هن انهن کي 130 سال اڳ تحرير ڪيو.

دراصل مارڪس معاشري جي جن تصورن سان نِبري رهيو هواهي اڄ به موجود آهن. جهڙي طرح چارٽسٽن (برطانوي مزدورن جي اولين سياسي حقن جي تحريڪ جا ڪارڪن) اخلاقي قوت ۽ مادي دباءُ جي باري ۾ ڳالهه ڪئي هئي، سوشلسٽ اڄ "پارليماني رستي" يا "انقلابي رستي" جي باري ۾ دليل ڏيندا آهن. انقلابين جي وچ ۾ "دهشت گردي" جي خلاف ۽ ان جي حق ۾ دليل اڄ به 1848 وانگر تازا آهن.

## خيال پرست (The Idealist)

مارڪس پهريون شخص نه هو جنهن معاشري جي خرابين ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن وقت مارڪس لکي رهيو هو، ڪارخانن ۾ نيڻ وارين ايجادن جي باعث ايڏي وڏي پيماني تي دولت پيدا ٿي رهي هئي

جنهن جو پوئين نسلن خواب به نه ڏٺو هوندو، پهريون دفعو ايئن محسوس ڪيو ويو ته انسانيت وٽ اهي ذريعا اچي ويا آهن جو هاڻي جن قدرتي آفتن پوئين دؤرن جي انسانن کي اذيت ۾ مبتلا ڪري رکيو هو. ان جي خلاف پنهنجو دفاع ڪري سگهن.

پر پوءِ به ان جو مطلب ماڻهن جي وڏي اڪثريت جي حياتين کي فائدو ڏيڻ نه هو، صورتحال بلڪل ان جي ابتڙ هئي، ڪارخانن ۾ محنت ڪندڙ مرد ۽ ٻار جن جي پوئين پيڙهي ٻنين ۾ ڪم ڪندي هئي ان ڪان به بدتر هئي، سندن مزدوري مان مشڪل سان اٽي جي پورت ٿيندي هئي، وقفي وقفي سان وڏي پيماني تي پيدا ٿيندڙ بيروزگاري به ڪين مفلسي جي سطح ڪان به هيٺ ڌِڪي ڪيرائي ٿي ڇڏيو. اها گند سان ڀريل ڪچي آبادين ۾ تمام وڏي پئماني تي هئي. صحت ۽ صفائي جي جوڳي انتظام ڪانسواءِ انهن کي رهڻ تي مجبور ڪيو ويندو. انهن آبادين ۾ خطرناڪ وبائن پنهنجو ديرو ڄمايو هو، بجاءِ ان جي جو تهذيت (سولائيبريشن) جي ترقي عام خوشحالي ۽ بهتري آڻي اها غربت کي اڃا وڌيڪ هٿي ڏيئي رهي هئي.

ان ڏانهن ڌيان صرف مارڪس ئي نه بلڪه ان عهد جي ٻين وڏن مفڪرن جيئن انگريز شاعرن بليڪي ۽ شيلي، فرانسي فوريي ۽ پروڌان، جرمن فلسفين هيگل ۽ فيور باخ پڻ ڌيان ڇڪايو هو، انسانيت پنهنجو پاڻ کي جن ناخوشگوار حالتن ۾ ڏٺو، هيگل ۽ فيور باخ ان کي ويڳاڻپ (بيگانگي )ڪوٺيو هو. هڪ اهڙي اصطلاح جيڪا اڄ به اڪثر ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

ويڳاڻپ (Alienation) مان هيگل ۽ فيورباخ جي مراد اها هئي ته مرد ۽ عورت مسلسل پنهنجو پاڻ کي ماضي جي ڪيل ڪمن جي دٻاءُ ۽ ان ۾ ڦاٿل محسوس ڪندا آهن، ان ڪري فيورباخ ٻڌائي ٿو ته انسان خدا جو تصور ٺاهيو ۽ پوءِ تڏهن کان ئي ان جي سامهون سجدا ريز ٿيو، ڇو ته هو پنهنجي تخليق ڪيل شين تائين نه پهچي سگهن جي ڪري پنهنجو پاڻ کي لاچار محسوس ڪري ٿو، جنهن حد تائين معاشرو ترقي ڪري ٿو. بي وسي اوتري وڏي ٿي ۽ ماڻهو وڌ ۾ وڌ ويڳاڻپ جو شڪار ٿيندا وڃن ٿا.

پنهنجي شروعاتي لکڻين ۾ مارڪس ويڳاڻپ جي ان تصور کي اڳاريو ۽ ان جو اطلاق انهن ماڻهن (مزدورن) تي ڪيو جيڪي معاشري جي دولت تخليق ڪن ٿا.

مزدور اوتروئي غريب ٿيندو وڃي ٿو جيترو ئي هو گهڻي دولت پيدا ڪري ٿو.جنهن حد تائين ان جي پيدا ڪيل (شيءِ) جي طاقت ۽ دائرو وڌي ٿو. شين جي دنيا جي قدر ۾ اضافي سان گڏ انسانن جي دنيا جي بي قدري جو عمل پاڻ ۾ سڌي نسبت رکي ٿو. جيڪا شئي پورهيت ٺاهي ٿو اها پاڻ ئي (ان جي)مقابلي ۾ ويڳاڻپ بنجي سامهون اچي ٿي، هڪ اهڙي طاقت جي طور تي جيڪا ٺاهڻ واري پروڊيوسر کان آزاد هجي.

مارڪس جي زماني ۾ معاشري ۾ ٿيل خرابين جي سڀني کان وڌيڪ مقبول توجيع مذهبي قسم جي هئي، اهو چيو ويندو هو ته معاشري جي بدحالي ان ڪري آهي جو ماڻهون خدا جي حڪمن کي پورو ڪرڻ ۾ناڪام ٿيا آهن، يعني معاشري جي زبون حالي جو سبب خدا جي نافرماني آهي، جيڪڏهن اسان سڀ گناه کان توبه تائب ٿي وڃون ۽ ان کان سڀئي ناتا ٽوڙي ڇڏيون ته پنهنجو پاڻ سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو، ان طرح جا خيال اڄڪلهه به ٻڌڻ ۾ ايندا آهن.

جيتوڻيڪ عام طور تي انجو مفهوم غير مذهبي هوندو آهي پر اها دعويٰ ڪئي ويندي آهي ته معاشري کي بدلائڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته ٻهرين پاڻ کي بدلايو وڃي. معنيٰ ته جيڪڏهن مرد ۽ عورت پاڻ کر خود غرضي يا ماديت پرستي کان بچائين ته معاشرو خود به خود بهتر ٿي ويندو. اهڙي طرح هڪ سوچ تمام ماڻهن جي نه پر چند اهم فردن جي جيڪي معاشري ۾ طاقت رکن ٿا انهن جي تبديلي جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي. خيال اهو هوندو آهي ته امير ۽ طاقتور شخصيتن کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته جيئن اهي دليل کي سمجهي سگهن.

برطانيه جي ابتدائي سوشلسٽن مان هڪ رابرٽ اوون صنعتڪارن کي پنهنجي مزدورن سان سٺو ورتاءُ رکڻ طرف آماده ڪرڻ جي ڪوشش جو آغاز ڪيو. اهوئي خيال اڄ برطانيه جي ليبر پارٽي جي ليبرن جو آهي، ٿورو غور ڪيو ته ڪيئن هو حال مالڪن جي جرمن کي "خطا" قرار ڏين ٿا، ڇڻ ته انهن جي سمجهائڻ سان وڏا بزنس مين معاشري تي پنهنجي گرفت ڍلي ڪرڻ تي راضي ٿي ويندا.

مارڪس اهڙن خيالن/نقط نظر کي خيال پسندي (آئيڊلسٽ) قرار ڏنو آهي، اهو انڪري نه ته هو خيال رکڻ وارن جي خلاف هو پر ان ڪري جو

اهو نقطي نظر خيالن کي ان جي حالتن کان علحدا ڪري (اسيوليشن) ڏسڻ جنهن ۾ ماڻهون زندگي گذارن ٿا.
ماڻهن جي سوچ لازمي طور تي اهڙي قسم جي حالتن سان ويجهڙائي واري تعلق تي ئي جڙي ٿي جنهن طريقي جي زندگي هو گذارڻ جي قابل هوندا آهن.
مثال جي طور تي "خود غرضي" کي وٺون، اڄ ڪلهه جو سرمائيداري نظام خود خود غرض کي جنم ڏي ٿو. ايتري حد تائين جو انهن ماڻهن ۾ به خودغرضي اچي وڃي ٿي جيڪي مسلسل ٻين کي اوليت ڏيندا آهن هڪ محنت ڪش جيڪو پنهنجن ٻارن ۽ ماءُ پيءُ لاءِ ڪم ڪرڻ جو خواهش مند هجي، ان لاءِ صرف اهو رستو بچي ٿو ته "بهتر ملازمت" وڏيڪ اوور ٽائيم حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين ماڻهن خلاف جدوجهد ڪري.
اهڙي ڪنهن به سماج ۾ توهان صرف ماڻهن جي ذهن جي تبديلي جي ذريعي ، خود غرض يا لالچ مان جان آجي نٿا ڪري سگهو.
مٿين طبقن جي سوچ ۾ تبديلي سان سماج ۾ تبديلي جي ڳالهه ڇڻ ته هڪ چرچو آهي . سمجهو ته اوهان هڪ وڏي سرمائيدار کي سوشلسٽ خيالن جي ذريعي قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃو ٿا، هو مزدورن جو استحصال ڪرڻ بند ڪري ڇڏي ٿو، پر پوءِ هوپاڻ پنهنجي متبادل سرمائيدار جي پيٽ ۾ مات کائي ويندو ۽ ڪاروباري دنيا کان ٻاهر ڪيو ويندو.جيڪي سماج ۾ حڪمران آهن، انهن جي لاءِ نظريا (آئيڊياز) نه پر سماج جو اهو دانچو اهم آهي جنهن ۾ هو اهي نظريا اختيار ڪن ٿا.
ان ڳالهه کي هيئن به ڪري سگهجي ٿو ته جيڪڏهن خيالن سان ئي سماج تبديل ٿئي ٿو ته سوال اهو ٿوپيدا ٿئي ته خيال ڪٿان ٿا اچن؟؟ اسان هڪ خاص قسم جي سماج ۾ رهون ٿا. پريس، ٽي وي، تعليمي نظام، ۽ ان طرح جا ڪيئي قسم جا خاص خيال معاشري جي دفاع ۾ سندرو ٻڌي بيٺا آهن، ته پوءِ ڪو ڪيئن ان قابل ٿي سگهي ٿو، جو مڪمل طور تي مختلف قسم جي سوچ کي اڳيان آڻي سگهي؟؟ سماج تي حاوي سوچ جي مخالف سوچ انڪري ٿي پيدا ٿئي ٿو جو ماڻهن جي روزمرهه جي زندگي جو تجربو معاشري جي باري ۾ سرڪاري خيال جي تضاد ۾ اچي ٿو.
مثال طور **100** سال اڳ جي مقابلي ۾ اڄ خاص طور تي مغرب ۾ ماڻهون ڇو گهٽ مذهبي آهن، يا وري برصغير، پاڪستان ۽ اسلامي ملڪن جيئن ، ايران، انڊونيشيا ۽ ٻين آفريڪي ملڪن ۾ ڇو گذريل **40** سالن جي

مقابلي ۾ اڄڪلهه ماڻهو وڏيڪ مذهبي آهن، توهان ان جي وضاحت صرف ان سان نٿا ڪري سگهو. ته مغرب م اهو صرف ملحدانه ۽ مسلمان ملڪن ۽ پارت ۾ بنياد پرست پروپيگنڊا جي ڪري آهي، توهان کي ان جي وضاحت ڪرڻي پوندي ته ڇو ماڻهن جو ملحد يا بنياد پرست خيالن ڏي ڏيان ڇڪجي ٿو جڏهن ته پهرين ايئن ڪونه هو.

اهڙي طرح جيڪڏهن توهان عظيم "ماڻهن" جي اثر کي واضح ڪرڻ چاهيو ٿا ته اوهان کي وضاحت ڪرڻي پوندي ته ڇو ٻين سندن پيروي ڪئي. مثال طور اهوچوڻ درست ناهي ته نپولين يا لينن تاريخ کي بدلائي ڇڏيو جيستائين اهو واضح نه ڪيو وڃي ڇو لکين ماڻهون اهو سڀ ڪرڻ جي حامي پري جيڪو انهن تجويز ڪيو هو. سڀ کان وڏيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته ٻئي شخصيتون عوام کي سحر زرد ڪرڻ واريون نه هيون سماجي حالتن ۾ ڪنهن خاص مرحلي ۾ ماڻهن کي اهو محسوس ٿيو ته جيڪي ڪجهه هي (نيپولين يا لينن) تجويز ڪري رهيا هئا اهو درست لڳي رهيو هو.

خيالات ڪيئن تاريخ بدلائي سگهن ٿا اها ڳالهه اوهان صرف ان وقت سمجهي سگهندؤ جڏهن اوهان اهو ڇاڻندو ته خيال اڄن ڪٿان ٿا. ۽ ماڻهون انهن کي ڇو ٿا قبول ڪن. ان جو مطلب خيالن کان پويان معاشري جي ان مادي حالتن (مٽيريل ڪنڊيشنز) کي ڏسڻ ضروري آهي جتي اهي خيال وڌن ويجهن ٿا. ان ڪري مارڪس زور ڏئي چوي ٿو . اهو شعور ناهي جو زندگي جو تعين ٿو ڪري بلڪه اها زندگي آهي جا شعور جو تعين ڪري ٿي .

سماج بذات خود خيالات (آئيڊياز) تبديل نٿو ڪري سگهي اها ڳالهه مارڪس جي اولين خلاصه منجهان هڪ هئي پاڻ کان پهرين ڪيئي مفڪرن وانگي مارڪس به ان امر تي زور ڏنو ته معاشري کي سمجهڻ لاءِ بني نوع انسان کي به مادي دنيا جي هڪ حصي جيان ڏسڻو پوندو. انساني رويي جو تعين مادي قوتون ڪن ٿيون. بلڪل ايئن جيئن ٻين ڪيترن قدرتي شين جي روين جو تعين مادي قوتون ڪن ٿيون، ان قسم جو نقطه نظر رکڻ وارا مفڪر "ماديت پسند" سڏرائن ٿا.

مارڪس تاريخ جي خيال پرست ۽ مذهبي تصورن تي ماديت پسند تصورن جي توجيح کي اڳيان وڌڻ جي لاءِ هڪ وڏو قدم سمجهندو هو . ان جي معنيٰ اها ئي نه اوهان بدلجندڙ م عاشرتي حالتن جي باري ۾ سائنسي

دليل ڏيئي سگهو ٿا. هاڻي اوهان کي خدا جي اڳيان مناجات پڙهڻ يا ماڻهن ۾ "روحاني تبديلي" تي انحصار ڪرڻ جي ضرورت باقي نٿي رهي.

ماديت پسندي (ميٽريل ازم) جو خيال پسندي (آئيڊيلزم) جي جاءِ والارڻ ، سائنس جو روحانيت جي جاءِ وٺڻ برابر آهي، پر تنهن هوندي به انساني رويي جي باري ۾ سڀ مادي وضاحتون درست به نه هونديون آهن.

جهڙي طرح بائلاجي، فزڪس ۽ ڪيمسٽري ۾ غلط سائنسي ٿيوريون آهن اهڙي طرح معاشري جي باري ۾ به غلط سائنسي نظرين کي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

ڪجهه مثال هي آهن.

هڪ وڏي مقبول غير مارڪس ماديت پسند جي نقطئه نظر مطابق "انسان جانور آهي جيڪو فطري لحاظ کان هڪ خاص قسم جي طبيعت جو مالڪ آهي . جيئن بگهڙ جي فطرت ۾ چيرڻ ڦاڙڻ يا رڍ جي فطرت ۾ صابرين هجڻ شامل آهي اهڙي طرح انسان جي فطرت ۾ به جارح هجڻ، ٻين کي دٻائڻ، مقابلي ڪرڻ وارو ۽ لالچي هجڻ آهي. اهڙي طرح عورتون عاجزي طبيعت واريون سرتسليم خم ۽ بي عمل هونديون آهن.

حال ۾ ئي ان طرح جي فارمولي تي مشتمل ڪتاب"Naked Ape" جيڪا تمام گهڻو وڪرو ٿي ۾ اهڙن ئي خيال جو ذڪر آهي. انهن دليلن مان جيڪو نتيجو اخذ ڪيو وڃي ٿو اهو تقريباً رجعتي هوندو آهي. جيئن چيو ويندو آهي جيئن ته انسان فطرتن جارح حمله آور آهي ته پوءِ معاشري جي بهتري جي ڪوشش بيڪار آهي. شين جو نتيجو هميشه هڪڙو ئي نڪرندو انقلاب "هميشه ناڪام" ٿيندا.

"پر انساني فطرت" هڪ سماج کان ٻي سماج ۾ تبديل ٿيندي رهي ٿي. مثلاً مقابلو جنهن کي اسان جو سماج ايئن ئي مڃي ڪري هلي ٿو،ماضي جي ڪيترن معاشرن ۾ مشڪل سان ئي وجود رکندو هو. جڏهن سائنسدان سائيڪو انڊينز (قديم آمريڪي باشندا) جي ذهانت جي آزمائش (آءِ ڪيو ٽيسٽ )وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ته سائنسدانن کي معلوم ٿيو ته انڊينز کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته ڪين جواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ چو هڪ ٻئي جي مدد وٺڻ نه کپي، ان جو سبب اهو هو ته جنهن قسم جي معاشري ۾ هو رهن پيا اهو معاشرو باهمي گڏيل تعاون تي مبني هو نه ڪي مقابلي تي زور ڏيندو هو. اهڙي طرح جو معاملو جارحيت پسند هجڻ سان به

آهي جڏهن اسڪيموز پهريون دفعو يورپي قومن سان مليا ته هو جنگ جي باري ۾ ڪا به راءِ جوڙي نه سگهيا، هڪڙي گروپ جي ماڻهن جي هٿان ٻئي گروپ جي ماڻهن جو صفايو ڪرڻ جو خيال ڪين بي وقوفاڻو عمل پئي لڳو.

اسان جي سماج ۾ والدين جو ٻارن کي تحفظ ڏيڻ فطري سمجهيو ويندو آهي. جڏهن قديم يوناني شهر اسپارٽ ۾ اهو ڏسڻ جي لاءِ سخت سردي ۾ ٻار پنهنجو وجود بچائي سگهن ٿا،والدين جو ڪين سرد پهاڙن ۾ ڇڏي اڇڻ فطري سمجهيو ويندو هو.

تبديل نه ٿيندڙ انساني فطرت جا نظريا تاريخ جي عظيم واقعن جي وضاحت فراهم نٿا ڪن، اهرام مصر قديم يونان جي شان و شوڪت روم يا انڪاز جي بادشاهت، جديد صنعتي شهر هڪ جهڙي سطح رکن ٿا جيئن انداهي دوَر ۾ مٽي جي غارن ۾ رهندڙ اٽيڙهيل هارين جي سطح هئي. سڀ ڪان اهم ڳالهه اها هئي ته اهي سڀ "اگهاڙا باندر" نه هئا. اها شاندار تهذيب جيڪا انهن تعمير ڪئي اها اهم هئي. اها غير اهم آهي ته سماج جي ڪجهه شڪلين "اگهاڙي" کي ڪاڌ خوراڪ مهياڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي جڏهن لڪي اگهاڙن کي بک وگهي مرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو

ڪوڙ سارا ماڻهو ماديت پسندي جي هڪ مختلف ٿيوري قبول ڪندا آهن، "جيڪا" انساني رويه ۾ تبديلي جي ممڪن هجڻ جي طريقي تي زور پري ٿي. جيئن جانورن کي سرڪس ۾ جهنگ کان مختلف رويه رکڻ لاءِ سمايو ويندو آهي. اهڙي طرح ان نظريه جي حامين جي مطابق انساني رويه به تبديل ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن معاشري جا صالحين ان جو ڪنٽرول حاصل ڪري وٺن، سندن چوڻ آ ته انساني فطرت کي تبديل ڪري سگهجي ٿو، ان قسم جا دليل پاڪستان جون ڪجهه مذهبي پارٽيون ڏينديون آهن انهن جو خيال آهي ته سڀني ماڻهن کي تبديل ٿيڻ جي ضرورت ناهي، جيئن صالحين ڪنهن به طريقي ووٽ يا بغاوت سان قبضو ڪري وٺندا ته اسلامي شريعت لاڳو ڪري ماڻهن جي فطرت درست ڪري وٺبي.

اهو خيال "اگهاڙي باندر" کان اڳتي ڏانهن هڪ وڏو قدم آهي پر اهو ان وقت ناڪام ٿي وڃي ٿو جڏهن ان وضاحت جي ضرورت پوي ٿي ته پوري معاشري کي ڪيئن تبديل ڪيو وڃي جيئن هو ڪو اڄ جي معاشري جي پوري طرح وڪوڙيو پيو آهي ته پوءِ ڪو ڪيئن معاشري کان مٿان اپري ۽ پوءِ اهو ڏسي ته ڪيئن حالتن ميڪنزم (طريقه ڪار) کي تبديل ڪيو وڃي؟؟

ته ڇا خدا جي طرفان هڪ مخصوص اقليت ئي نوازيل هوندي آهي جيڪا ڪرشماتي طور تي ٻين وانگر دٻاءُ ۾ ناهي ايندي؟!

جيڪڏهن اسان سپ سرڪس جا جانور آهيون ته پوءِ شينهن کي سڌائڻ وارو ڪيري ٿي سگهي ٿو ان ٿيوري کي مڃڻ وارا ماڻهون يا ته اهو چئي ڳالهه ختم ڪندا آهن ته معاشرو تبديل نه ٿو ڪري سگهجي."اڳهاڙي باندر" جي نظريه دان وانگي يا وري سندن اعتقاد آهي ته معاشري جي تبديلي هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا ٻاهران پيدا ڪري سگهجي ٿي. خدا، عظيم انسان يا وري انفرادي خيالن جي طاقت سان اهو ممڪن آهي. سندن " ماديت پسندي" دراصل چور دروازي کان خيال پسندي کي نئين صورت ڏيڻ آهي.

جيئن ته مارڪس ان طرف اشارو ڪري ٿو ته نظريو (ڊاڪٽرين) لازمي طور تي معاشري کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ تي ختم ٿئي ٿو. انهن مان هڪڙا معاشري کان اعليٰ آهن اهي "ماديت پسند" ۾ گهٽو ڪري رجعت پسند هوندا آهن. اڄڪلهه هن نظريي سان چنبڙيل ماڻهن مان آمريڪا جو مشهور ماهر نفسيات اسڪنر به آهي هن جي خواهش آ ته ماڻهن کي خاص رويو اختيار ڪرڻ لاءِ قائل ڪري سگهجي ٿو. پر جيئن ته هو پاڻ به آمريڪي سرمائيدارانه معاشري جي پيداوار آهي. سو ان جي يقين جو مطلب فقط ماڻهن کي هن معاشري جي موافق ناهڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي.

هڪڙو ٻيو ماديت پسند خيال دنيا جي غربت جو الزام، وڌندڙ آبادي جي دٻاءُ مٿان ٿوپڻ آهي، ان کي عام طور تي مالٿس ازم چيو ويندو آهي. (مالٿس هڪ انگريز اقتصادي ماهرهو جنهن ارڙهين صدي ۾ ان سوچ کي وڌايو).پر اهو نظريو ان ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ کان لاچارآهي ته چو آمريڪا ۾ لکين ٽن مڪئي کي ساڙيو وڃي ٿو، جڏهن ته انڊيا ۾ ماڻهون بک کان بيحال رهن ٿا. نه ئي ان ڳالهه جي وضاحت ڪري سگهي ٿو ته چو 150 سال اڳ آمريڪا ۾ 10 ملين انسانن کي کارائڻ لاءِ خوراڪ ناڪافي هئي. جڏهن ته اڄ 200 ملين ماڻهن کي کارائڻ لاءِ ڪافي کاڌ خوراڪ پيدا ٿئي ٿي.

اهڙو نظريو اها ڳالهه وساري ڇڏيندو آهي ته هرکائڻ وارو اضافي پيٽ پاڻ سان گڏ ڪم ڪرڻ وارا به هٿ ۽ هڪ دماغ ساڻ کڻي پيدا ٿيندو آهي .

مارڪس انهن غلط وضاحتن کي "ميڪانڪي" يا "خام" ماديت پسندي جون شڪليون قرار ڏنو. اهو ان تمام ڳالهين مان اها ڳالهه فراموش ڪري ڇڏي ٿو ته بني نوع انسان مادي دنيا جو حصو هوندي ان تي عمل به ڪري ٿو. انسان هڪ زنده (متحرڪ) مخلوق آهي جيڪا پنهنجي عمل (ايڪشن) سان هن دنيا کي تبديل ڪري ٿو.

# تاريخ جي مادي (تشريح) وضاحت

انسان جانورن کان شعور مذهب يا ٻي ڪنهن به خصوصيت جيڪا اوهان کي وڻي ان جي ڪري مختلف آهي. انسان ان وقت پنهنجو پاڻ کي جانورن کان ممتاز ڪرڻ شروع ڪيو جڏهن هن زندگي گذارڻ جي ذريعن پنهنجي غذا سر ۽ ستر ڍڪڻ ۽ پيدا ڪرڻ جي شروعات ڪئي. مارڪس انهن لفظن تي گهڻو زور ڏئي اهو واضح ڪيو ته هن جي پيش ڪيل معاشري جي ترقي جي باري ۾ وضاحت ڪيئن امتيازي حيثيت جي حامل آهي.

بني نوع انسان "انسان نما باندر" مخلوق جي اولاد منجهان ٻين جانورن وانگي انهن کي پهرين ڳڻتي پنهنجو پيٽ پرڻ ۽ ماحول کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ هوندي آهي، ٻين جانورن وانگي ان سبب لاءِ سندس دارومدار ورثي ۾ مليل حياتياتي جوڙجڪ تي آهي. هڪ بگهڙ پنهنجي شڪار جو پيڇو ڪري ان کي ماريندو آهي ان طريقي جو تعين ورثي ۾ مليل حياتياتي جبلت تي آهي، اهو سرد راتين ۾ پنهنجي گرم کل جي ڪري گرم رهندو آهي يا پنهنجي ٻارن جي پرورش ورثي ۾ مليل تربيت جي مطابق ڪندو آهي، پر انساني زندگي ان طريقي جي پابند ناهي. انسان جو هڪ لک سال اڳ يا 30 هزار سال اڳ زمين تي ايئن رلندو هو، اسان کان بلڪل مختلف طريقي سان زندگي گذاريندو هو. هو غارن ۾ زمين تي کڏون کوٽي ان ۾ رهندو هو، هن وٽ خوراڪ يا پاڻي رکڻ لاءِ ڪوبه ٿانو موجود نه هو.

خوراڪ هو رس پريل ميون ۽ جانورن کي پٿرن سان شڪار ڪري حاصل ڪندو هو. هو لکي نه سگهندو هو يا پنهنجي آڱرين کان مٿي ڳڻي نه سگهندو هو هو پنهنجي ويجهي علائقي کان پري نه ويندو هو ته اتي ڇا پيو ٿئي يا اهو ته سندن ابن ڏاڏن ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا هئا.

پر پوءِ سندس جسماني ساخت هڪ لک سال اهڙي طرح رهي جهڙي اڄ جديد انسان جي آهي. ۽ 30 هزار سال اڳ به ان سان ملندڙ جلندڙ هئي.جيڪڏهن توهان ڪنهن غار واري انسان جي حجامت ڪرائي ۽ ان کي سوٽ پارائي ڪنهن وڏي روڊ تي وٺي اچو ته ڪو به ان جي باري ۾ نه سوچيندو ته اهو ڪٿان آيو آهي.

جيئن ته ماهر آثارِ قديم گوردن چائلڊ نشاندهي ڪئي ته اسان جي پنهنجي وقت (اسپيشيز) جي شروعاتي ڍانچن جو تعلق زمانه برف (آئيس ايج )جي آخري ختم ٿيندڙ دؤر سان آهي . جڏهن کان قديم انسان جا ڍانچا پهريون دفعو ارضياتي رڪارڊ ۾ ظاهر ٿيا ، تقريبن 25 هزار سال اڳ تڏهن کان انسان جو جسماني ارتقائي عمل حقيقتن رڪجي چڪو آهي ، جيتوڻيڪ ان جي ثقافتي ارتقا جو اجا آغاز ئي ٿيو هو . اهڙي ئي نشاندهي هڪ ٻئي آثار قديم جي ماهر ”ليڪي به ڪئي آهي.Aurignacian ۽ Modlenian ثقافتن (25-هزار سال قبل) جي انسان ۽ هن وقت جي انسان ۾ جسماني فرق هڪ لحاظ کان ليکي ۾ نه آڻڻ برابر آهي. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي جي وچ ۾ تمام گهڻو ثقافتي فرق موجود آهي.

ثقافت (ڪلچر) کان ٻاهر آثآر قديم مان مراد اهي شيون آهن جيڪي مرد ۽ عورتون سکندا ۽ سيکاريندا‌آهن، اون يا فر مان ڪپڙو ڪيئن ٺاهجي، مٽي مان ٿانو ڪيئن ٺاهيا وڃن، باهه ڪيئن ٻاري وڃي گهر ڪيئن تعمير ڪيا وڃن اهڙي طرح ٻيون اهڙيون ڪيتريون (پر غلاف) شين جي جانور جيلي طور چاٽيندا آهن.

شروعاتي انسان جي زندگي اڳي ئي ٻين جانورن کان تمام گهڻي مختلف هئي، انسان ان قابل هو جو پنهنجي مخصوص جسماني ساخت .... وڏي دماغ اڳين ٻانهن کي ڪم ڪارين لاءِ استعمال ڪري سگهندو هو. جنهن مان هن پنهنجي آسپاس جي ماحول کي پنهنجي ضرورتن مطابق شڪل ڏيڻ شروع ڪئي.

ان جو مطلب اهو هو ته انسان پنهنجي جسماني ساخت بدلائڻ کان سواءِ مختلف قسم جي مختلف حالتن جي مطابق پنهنجو پاڻ کي ان ۾ رنگي سگهندو هو، انسان پنهنجي آسپاس جي حالتن تي عمل به ڪندو هو. جنهن مان هن حالتن کي پنهنجي بهتري ۽ مفاد جي مطابق تبديل ڪرڻ جي ڪوشش جي شروعات ڪئي.

ابتدا ۾ انسان جنگلي جانورن کي مارڻ لاءِ لٺين ۽ پٿرن جو استعمال ڪيو،

پنهنجو پاڻ کي گرم رکڻ لاءِ قدرتي طور پر موجود باهه مان مشغلون پاريون جانورن جي چمڙي ۽ پٽن سان پنهنجو جسم ڍڪيو تنهن کان پوءِ هزارين سال گذرڻ کان پوءِ هنن پنهنجي لاءِ باهه پارڻ سکي. هڪ پٿر مان ٻئي پٿر کي مخصوص شڪل ڏيڻ سکي، آخرڪار پنهنجي پوکيل ٻجن مان پوک پوکي غذا حاصل ڪرڻ ۽ مٽي جي ٿانون ۾ ذخيرو ڪرڻ ۽ مخصوص قسم جي جانور کي سڌائي پالتو ناهڻ سکيو هو.

حال ۾ ئي انساني تاريخ جي **5** لک پراڻي تاريخ مان صرف **5** هزار سال اڳ خام ڪچي ڌاتو مان ميٽل ناهڻ جي راز کان واقف ٿيا ته جيئن کين پروسي جي قابل اوزار ۽ پُراثر هٿيارن جي شڪل ڏيئي سگهجي.

هنن سيپني شين جو ترقي جي عمل تي وڏو اثر پيو ان سان نه صرف انسان پنهنجي کائڻ لاءِ کاڌ خوراڪ ۽ لباس جي بندوبست ۾ سولائي پيدا ڪئي پر هن جي پنهنجي زندگي جي جوڙ جڪ به تنظيم ) به تبديل ٿي انساني زندگي شروع کان ئي سماجي يا معاشري هئي (انسان شروع کان ئي رلي ملي رهندوهو) گهڻن ماڻهن جي گڏيل ڪوشش ئي کين ان قابل ناهي سگهي پئي ته هو جهنگلي جانور کي شڪار ڪري سگهن. خوراڪ جمع ڪري سگهن ۽ باهه کي مسلسل ٻاري رکن. کين هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻو ئي پوندو هو ان طرح جو هڪ ٻئي سان ويجهو رابطو ۽ تعاون مخصوص آوازن ۽ زبانن کي فروغ ڏيڻ جو ڪارڻ بنيو. شروع شروع ۾ انساني گروپ ساده هئا ڪٿي به قدرتي طور تي پيداوار ايتري گهڻي نه ٿيندي هئي جو هڪ انساني گروپ يا ڪيترن درجن ماڻهون سپورٽ ڪري سگهي.

سڄي محنت جو هڪ ئي مقصد هوندو ته خوراڪ ڳولي ۽ جمع ڪئي وڃي تنهن جي ڪري سيپني کي ساڳي ۽ هڪ جهڙي محنت ڪرڻي پوندي هئي سيپئي هڪجهڙي زندگي گذاريندا هئا.

خوراڪ جي هڪ مقدار کي ذخيرو ڪرڻ وارن وسيلن جي غير موجودگي جي ڪري نجي ملڪيت ۽ طبقاتي ورچ ممڪن نه پئي ٿي سگهي ۽ نه ئي جنگ ڪرڻ جي لاءِ اٿسائڻ لاءِ ڪو مال غنيمت موجود هو .

چند سال اڳ تائين دنيا جي مختلف حصن ۾ سوين اهڙا معاشرا هئا جيڪي ان

۾ شمالي ۽ جنوبي آمريڪا جاريبڊانبين استوائي افريقا ۽ بحرالڪاهل جا ڪجهه ماڻهون ۽ آسٽريليا جا قديم ماڻهون جنهن ڪي ايبوروجينز چيو وڃي ٿو شامل آهن.

ائين ناهي ته ڪو اهي اسان ڪان گهٽ چالاڪِ هئا يا اسان ڪان پنٽي پيل ذهنيت“ جا مالڪ هئا، مثال جي طورتي آسٽريليا جا قديم باشندا اپيورجينز ڪي زنده رهڻ جي خاطر مختلف جانور ن جا طور طريقا ۽ هزارين ٻوٽن ڪي هوبهو ياد رکڻو پوندو هو. ماهر بشريات پروفيسر فيٽم بيان ڪري ته ڪئين، ”آسٽريليائي قبيلا ڪائڻ جي قابل تمام جانورن، پکين ۽ مڇين جي شڪار گاهن ، طور طريقن ،نشانن جنم پومين ۽ موسمن جي گهٽ وڌائي سپني ڪان واقف آهن. اهي جبلن، پٿرن، ميڻ، ڪوئنر، پوئن، ريتن ۽ چوڏن جي ٻاهرينۡ گڏوگڏ ڄجهين خصوصين ڪان آگاه آهن.

# سرمايه جو پاڻمرادو ڦهلجڻ

جيڪڏهن توهان موجوده نظام جي معذرت خواهن جون لکيل تحريرون پڙهيندو ته هڪ دم محسوس ڪري وٺندو ته اهي مشڪ طور تي هڪ عجيب اعتقاد جا مالڪ آهن، انهن جي مطابق زر (money) هڪ ڪلرماتي خوبي جي مالڪ آهي. اها جانورن ۽ وڻن، ٻوٽن وانگر وڌي ويجهي ٿي، جڏهن ڪو سرمايه دار ڪنهن بئنڪ ۾ پنهنجي رقم رکي ٿو ته ڪيس اميد هوندي آهي ته ان رقم جي مقدار ۾ اضافو ٿيندو.

جڏهن هو ان رقم مان آئي سي آئي يا يوني ليورڪمپنيون جا شيئرز سرمايه ڪاري ڪري لڳائي ٿو ڪيس اميد هوندي آهي ته ان جي زرجو صلو منافع جي ادائيگي يعني **Dividend** هر سال وٺندو، ڪارل جا رڪس ان مظهر ڪي نوٽ ڪيو، ۽ ان ڪي سرمايه ڪاري جو پاڻمرادو ڦهلاءِ ڪوئيو. ۽ ان جي وضاحت ڪرڻ شروع ڪئي، جيئن ته پاڻ پهرين به ڏنو ان جا وضاحت جو آغاز زر سان نه ٿيو آهي بلڪ مزدور ۽ ذرائع پيداوار هاڻ ان جي شروعات ٿي. موجوده معاشري ۾ جڏهن وٽ ڪافي دولت هجي اهو ذرائع پيداوار خريد ڪري سگهي ٿو. تڏهن هو هرهڪ ڪي مجبور ڪري سگهي ٿو ته

ان ذرائع پيداوار جي لاءِ گهربل خاطر پنهنجي محنت ان ڪي مزدوري وڪٽي

ڏيئي. جنهن وٽ به ان جي زيادتي هوندي اتي سرمائي جو پاڻمرادو ڦهلاءُ جو راز زر جي وڌڻ جي ان معجزاتي صلاحيت تي آهي. سرمائي جي پاڻمرادو ڦهلاءُ جو راز محنت جي خريد فروخت ۾ لڪيل آهي.

هڪ مزدور جو مثال وٺو جنهن کي اسان ڏين سڏيون ٿا جيڪڏهن ڪنهن ڪريم وٽ ڪم تي لڳي وڃي ٿو، ڏين 8 ڪلاڪ ڪم ڪري 240 روپيان بندي دولت پيدا ڪري ٿو پر ڏين ان کان گهٽ مزدوري تي به ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويندو چوته ڪم نه ڪرن معنى بک ڪائڻ، سرمايه دار مسلم ليگ (ق) سان تعلق رکي ٿو، جيتوڻيڪ هو 8 ڪلاڪن ۾ 240 روپين جي حاليت جي برابر دولت تخليق ڪري سگهي ٿو پر جيڪڏهن ان کي ان کان گهٽ جي پيش ڪش ڪئي وڃي ته قبول ڪري وٺندو. هو سراسري شايد يوميه 140 روپين تي خوشي ساز راضي ٿي ويندو، روزانو جو 100 جو فرق هن جي مالڪ ڪريم جي کيسي ۾ وڃي ٿو، اهو ڪريم جو قدررائد آهي. جيئن ته هن وٽ ذرائع پيداوار جو ڪنٽرول خريد ڪرڻ لاءِ ڪافي سارو ناڻو آهي ان ڪري ڪريم هر مزدور مان 100 روپين يوميه ڦرڻ (ڳسڻ) جي گارنٽي تي امير ترين ٿي سگهي ٿو هن جو زر ڏندو وڃي ٿو ۽ ان جو سرمايو ڦهلجندو آهي. اهو ڪنهن قدرتي قانون سبب نه ٿو ٿئي بلڪ سرمائيدار جو ذرائع پيداوار تي ڪنٽرول هن کي ٻين جي ستي محنت ڦٻائڻ جي اجازت ڏيئي ٿو.

خروري ناهي ته ڪريم لازمي طور100 رپيا پاڻ وٽ رکي ڇڏي ٿي سگهي ٿو هن زمين يا ڪارخانو ڪرائي تي ورتو هجي يا ٿي سگهي هن ڪجهه ابتدائي دولت حڪمران طبغي جي ڪجهه ٻين ميمبرن کان اڌاري ورتي هجي، ۽ هاڻي اُهي به ان ”قدر زائد“ مان حصو وٺڻ جو مطالبو ڪن، ان ڪري شايد هو 50 روپيه ڪرايو، سود ۽ ”جصص“ جي منقافع جي صورت ۾ ورهائي باقي 50 روپيا پاڻ وٽ رکي، گهڻو امڪان اهو ئي آهي ته سرمائيدار حصي يا شيئرز جي منقافع تي گهڻو آسرو ڪندو آهي. هنن پوري زندگي ڪريم کي ڏٺو ئي ڪونهي، دراصل اها پيسئي جي پر اسرار طاقت ناهي جيڪا ڪين آمدني فراهم ڪري ٿي بلڪ اها ڏين جي جسم جو پگهر آهي جيڪو ان دولت کي تيار ڪري ٿو. حصص يا منافعو Dividend وياج جي ادائگي ۽ منافعو اهي سڀ ”قدر زائد“ يعنى ڏين جي محنت

مان ئي نڪرن ٿيون.

ان جو فيصلو ڪير ڪندو ته زين هن هفتي پنهنجي محنت جي عيوض ڪيترو معاوضو حاصل ڪيندو؟؟

مالڪ ڪوشش ڪندو ته جيترو ٿي سگهي اوتري گهٽ مزدوري ادا ڪئي وڃي بيڪن عمل اهڙيون حدون هونديون آهن جنهن کان هيٺ هو نه ٿو وڃي سگهي. ڪجهه حدون ته ظاهري آهن. مثلا اهو صبح ناهي ته مزدورن کي ايترو گهٽ معاوضو ڏنو وڃي جو هو پوري خوراڪ ئي نه / وٺي سگهي ۽ ڪمزول۽ نبل ٿي وڃي ۽ مزدوري ڪرڻ جي قابل ئي نه رهي، ڪيس ڪم تي اچڻ ۽ وڃڻ جي سهولت هجڻ گهرجي هنن ڪا اهڙي جاءِ هجڻ گهرجي جتي هو رات جو آرام ڪري سگهن ائين نه ٿئي جو ڪارخاني ۾ مشينن جي مٿان ڪري نه سهمي پون.

ان نقط نظر کان اهو بهتر آهي ته مزدوري ايتري ڏني وڃي جو مزدور ان کي ”ڪجهه عياشي“ سمجهي يعني صبح شام ڪجهه پيئڻ پيارڻ لاءِ ملي، ٽيليويزن ڏسڻ لاءِ ملي، سيروتفريح جي لاءِ موڪلون به ملن، اهي سپ مزدورن کي تازو توانو ناهن ٿيون، ڪين وڌيڪ محنت ڪرڻ جي قابل ناهي ٿو، اهي محنت ڪرڻ جي طاقت کي قائم رکڻ جي خدمت انجام ڏين ٿا. اها هڪ اهم حقيقت آهي ته جتي اجرتون تمام گهٽيون هيٺ سطح تي قائم هونديون آهن اتي مزدورن جي پيداواري سگهه گهٽجي ويندي آهي.

سرمائيدار کي ڪجهه ٻين معاملن جي باري ۾ فڪرمند ٿيڻو پوندو آهي جئين ته هن کي ڪاروبار ڪيئي سالن

تائين هلائڻو پوندو ان لاءِ موجوده مزدور جي مري کپي وڃڻ کان پوءِ به ڪمپني (ڪارخاني) کي مزدورن جي اولاد جي ضرورت پوندي ان ڪري ئي ڪين مزدورن کي ايتري مزدوري ڏيڻي پوندي آهي. جنهن مان هو پنهنجي ٻارن ٻچن هجي پرورش ڪري سگهن. ڪين اهو يقين ناهڻو هوندو آهي ته رياست ان ٻارن کي خاص هعزجئين لکڻ پڙهڻ تعليمي نظام ذريعي فراهم ڪري.

ان ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترا عمل زندگي جا معاملا ٿين ٿا جن کي مزدور هڪ معقول معاوضو سجهندا آهن هڪ مزدور جيڪو معقول معاوضي کان گهٽو گهٽ مزدوري حاصل ڪري ٿو. اهو ڪم کي نظرانداز ڪندو. ڪم ڇڏانجي وڃڻ جي

باري ۾ پريشان نه ٿيندو ڇو ته هو هوندئن به ان کي بيڪار پيو سمجهي. اهي سڀ عنصر آهن جيڪي هن جي اجرت ۾ هڪ مشترڪ شي طئه ڪري ڇڏين ٿا. اهي سڀ هن جي زندگي جيتوانائي کي يقيني ناهڻ طرف وڃي ٿو، محنت جي اها طاقت جيڪا سرمائيدار ڪلاڪن جي حساب سان خريد ڪري ٿو. اهڙي طرح مزدور کي ان جي خاندان کي مزدوري لاءِ فٽ رکڻ ۽ زنده رهڻ لاءِ دام ادا ڪيو ويندو آهي.

موجوده سرمائيداري معاشري ۾ هڪ نڪته خريد نوٽ ڪرڻو پوندو. ته دولت جو هڪ وڏو حصو پوليس فورس ۽ هٿيارن جهڙي شين تي خرچ ڪيو ويندو آهي. محنت جي اِها فورس هٿيار رياست جي طرفان سرمايه دار طبقه جي مفادن جي تحفظ جي لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن. در حقيقت اهي سڀ ماڻهون سرمايه دار طبقه سان تعلق رکن ٿا. جيتوڻيڪ کين رياست ئي هلائي ٿي پر جيڪا قدر زائديا دولت ان تي خرچ ڪئي. وڃي ٿي اها مزدور جي بجاءِ سرمايه دار سان واسطو رکي ٿي. اها به قدرزائد جو هڪ حصو آهي.

قدر زائد. منافع ب+ ڪرايو + وياج + پوليس فوج

# قدر جو نظريه محنت

جيڪڏهن مشينن، سرمائي، تيار ٿيل سامان ۽ ان سان گڏوگڏ مزدور آهي، اگر ائين ئي آهي. ته پوءِ انصاف ته بڌل ڳالهه اهاآهي ته سرمايي سان گڏوگڏ مزدور پيدا ڪيل دولت مان حصو ڪٽي ٿو. هر ”ڪامل پيدائي“ کي ان جو حصو حاصل ڪرڻو پوي ٿو جيڪو به سرمائيداري جي حامي اقتصاديات ٿوري به پڙهائيندو رهيو آهي. ان ستحصال ۽ قدر زائد جي مارڪسي تجزيه جي جواب ۾ چيو. شروع ۾ ته اعتراض ڪجهه مناسب نظر اچي ٿو ته توهان سرمائي کان سواءِ سامان تيار نه ٿا ڪري سگهو؟؟

مارڪسئن به اهو ڪڏهن ناهي چيو ته توهان سرمائي کان سواءِ شيون ناهي سگهو ٿا. باجود ان جي اسان جو نقطه آغاز ڪجهه مختلف آهي. اسان شروعات ڪندي پڇون ٿا ته سرمايو ڪٿان ٿو اچي؟؟ ذرائع پيداوار اولا ڪئين وجود ۾ آيا؟؟

جواب تلاش ڪرڻ ڪو خاص ڏکيو ناهي اهي سڀ شيون جيڪي تخليق ڪرڻ

جي لاءِ استعمال ڪيون. مطلب ته پلي اهي نولٿڪ زماني جو پٿر جو ڪهاڙو هجي ياهڪ جديد ڪمپيوٽر اهي سڀ انساني محنت جي ئي ذريعي نهيون. ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪهاڙي به جيڪڏهن ڪنهن اوزار ذريعي نهي هوندي ته اهو به پوئي دور جي انساني محنت جي پيداوار هوندو.

اهوئي سبب آهي نه ڪارل مارڪس ذرائع پيداوار جو ذڪر ”مردن محنت“ جي حوالي سان ڪري ٿو.

جڏهن واپاري (بزنس مين) سارمائي جي مالڪ هجڻ جي باري ۾ پيڪيون هٽي رهيا هوندا آهن. ان جو مطلب سندن ابن ڏاڏن جي محنت ناهي هوندو اهي به انهن واپارين وانگي گهٽ ئي ڪم ڪندا هئا.

اهو خيال ته محنت ئي تمام دولت جو مبنع آهي.جنهن کي عام طرح قدر جو نظريه محنت جي نالي سان سڏيو ويندو آهي اها مارڪس جي اصل دريافت نه هئي مارڪس زماني تائين پهنچندي تمام وڏا سرمائيدار حامي اقتصادي ماهر ان ڳالهه کي تسليم ڪري چڪا هئا.

اسڪاٽ لينڊ جي ايدم سمٿ يا انگريز اقتصادي ماهر ريڪاڊو جهڙيون شخصيتون ان وقت لکي رهيون هيون، جڏهن صنعتي سرمائيداري اجان عين مٿبان تي هئي يعني فرانس انقلاب (1789) کان پهريائين ۽ ان کان بعد جو دور سرمائيدارن اجان پورو غلبو حاصل نه ڪيو هو. ۽ کين پنهنجي دولت جي حقيقي مسنع جي باري ۾ چاڻن جي ڪا ضرورت به ڪانه هئي سمٿ ۽ رڪارڊو انهن سرمائيدارن کي اهو ٻڌائي سندن مفادن جي خدمت گذاري ڪئي ته انساني محنت ئي تمام دولت تخليق ڪري ٿي. ۽ جيڪڏهن ڪيس دولت ئاهٽي آهي ته پوءِ انهن جي محنت ”يعني مزدور کي پراٽي حڪمران جي چنگل مان آزاد ڪراٽو پوندو. وڏو عرصو نه گذريو هو جو مزدور طبقي سان ويجهڙائي رکڻ وارن مفڪرن انهن دليلن کي سمت ۽ ريڪاڊوجي دوستن طرف موڙي جو آغاز ڪيو، جيڪڏهن محنت ئي تمام دولت پيدا ڪري ٿي ته پوءِ سرمايو به محنت جي ئي پيداوار (تخليق)آهي. ۽ ”سرمايه جو حق مزدورن جي فصب ڪيل حقن کان وڌيڪ ڪجهه ٻيو ناهي. جلدي ئي اهڙن اقتصادي ماهرن جيڪي سرمائي جا حامي هئا چوڻ شروع ڪيو ته قدر جو نظريه محنت ٻيو ڪو ڪجهه نه صرف بڪواس آهي.

پر سچ کي لڪائي نه ٿو سنگهجي، ريڊيو ڪوليو، ٿوري دير ٻڌڻ کان پوءِ توهان سوچيندو يا چوندو ته ڪنهن به ملڪ جي اقتصاديات سام مسئلو يا خرابي اها آهي ته ”ماڻهون“ سٺي نموني محنت سان ڪم نه ٿا ڪن. يا ان ڳالهه کي ٻئي نموني سان ائين چئجي ته پيدا واريت يعني (production) تمام گهٽي گهٽ آهي هڪ پل لاءِ اهو ساهو فراموش ڪري ڇڏجي ته اهو ڳالهه صيح يا غلط، ان ڳالهه تي ٿورو غور ڪيون ته اها ڳالهه اسان جي سامهون ڪيئن ٿي پيش ڪئي وڃي، اهو ڪڏهن به ڪونه چيو ويندو ته مشينون چڱي نموني محنت، نه ٿيون ڪن،بلڪ انهن جي سامهون هيشه مسئلو مزدورن جوئي هوندو آهي. اهي دعوى ڪندا آهن ته جيڪڏهن مزدور دل سان ڪم ڪن ته نزياده دولت پيدا ٿيندي. ۽ اها دولت نئي مشينري ۾ سرمائي ڪاري کي ممڪن ڻاهيندي.

فرض ڪريو منهنجي کيسي ۾ ويهه رپين جو نوٽ آهي. هاڻي مون وٽ ان جو کهڙو استعمال ٿي سگهي ٿو؟ سڀ کي وڏي ڳالهه اها ته ويهه رپين جو نوٽ پيو ڪجهه نه هڪ ڪاغذ جو ٽڪڙو ئي آهي. ان جي قدر منهنجي ويجهو ان حقيقت جا لڪل آهي. ته ان نوٽ جي بدلي ۾ ڪنهن ٻئي جي محنت مان تيار ٿيل ڪامفيد شي خريد يا حاصل ڪري سگهي ٿي. حقيقت ۾ 20 روپين جو اهو نوٽ محنت جي پيداوار (سامان) جي هڪ وڏي حصي جو حقدار

يا مالڪ ڻاهڻ کان وڌيڪ ڪجهه به ناهي 40 رپيا ان کان ٻئي محنت جي پيداوار جو مالڪ ڻاهي ٿي، ۽ ائين ان کان وڌيڪ رقم........

جڏهن اسان دولت کي ماپيندا آهيون ته دراصل اسان ان محنت کي ماپي رهيا هوندا آهيون جيڪا ان کي تخليق ڪرڻ ۾ خرچ ٿي. يقينً ا هر ماڻهون پنهنجي محنت سان وقت جي ڪنهن خاص دورانيه ۾ ايترو پيدا نه ٿو ڪري سگهي جيترو ٻيا ڪري سگهن ٿا. مثال طور جيڪڏهن مان ميز ڻاهڻ شروع ڪيان ٿو ته مان هڪ هنرمند واڍي کان 5 يا6 دفعا وڌيڪ وقت لڳائي ان کي ڻاهڻ ۾ پر خريدارن جي قدر جو اندازو واڍي جي محنت مطابق ڪندا، نه ئي منهنجي محنت مطابق.فرض ڪريو هڪ واڍي کي هڪ ميز ڻاهڻ ۾ هڪ ڪلاڪ لڳي ٿو تڏهن هو خريد ڪرڻ واري کي چوندو ته هن وٽ ميز جي قدر هن جي هڪ ڪلاڪ جي محنت جي برابر آهي. موجود معاشري ۾ دستياب ٽيڪنڪ ۽ هنر جي عام سطح کي

ڏسندي اهو ضروري محنت جو دورانيو ٿيندو.

اهوئي سبب آهي جو مارڪس ان ڳالهه تي زور ڏيئي ٿو ته قدر جي ماپ ايتري سادي ڪانهي جو بس اها ڪنهن فرد جي جنهن شي ناهڻ لاءِ گهربل وقت آهي. بلڪ هي اهو دورانيو آهي جيڪو ڪو به فرد ٽيڪنولو جي ۽ اوسطه هنر جي بدولت ڪم ڪري ناهي ٿو، مارڪس ان گهربل اوسطه محنت the socially necessary labour timeچيو آهي. اها ڳالهه اهم آهي ڇو ته سرمائي دار نظام ۾ ٽيڪنالو جي هميشه ترقي ڪندي رهندي آهي. ان جو مطب اهو آهي ته ڪيس سامان تيار ڪرڻ لاءِ گهٽ (مزدور) گهربل هوندا آهن.

مثلا جڏهن ريديو ٽروميوٽڪ والو مان نهي ٿو ۽ اهي ڏاڍا مهانگا هوندا هئا ڇو جو والو ۽ ان ڪي جوڙڻ واريون تارون ناهڻ ۾ تمام گهڻي محنت ڪپندي هئي تڏهن ٽرانزسٽر ايجاد ڪيا ويا جن ڪي پاڻ ۾ جوڙڻ واري تار ۽ ٽرانسٽر ناهڻ ۾ گهٽ محنت پئي ڪپي، اوڇتو والو ريديو ناهڻ واري ڪي خبر پئي ته سندن فيڪٽري ۾ نهڻ واري ريديو جي قميت هاڻي والو سان طئه نه ٿئي بلڪه هاڻي ٽرانسٽر ڪي ناهڻ ۾ جيتري محنت گهربل آهي. ان سان ريديو جي قيمت طئه ٿيڻ لڳي آخر ۾ هڪ ڳالهه ته ڪجهه شين جي قيمتن ۾ گهٽ وڌائي تمام گهڻي ٿيندي آهي. يعني ڏينهن ۽ هفتن جي حساب سان ان تبديليون هونديون آهن. مثلا جڏهن برازيل ۾ پاور پيو ته ڪافي جي پوئن ساڙي ڇڏيو. ائين ڪافي جي قيمت آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي ڇوته سڄي دنيا ۾ ان جي قلت ٿي ويئي. هاڻي ماڻهون ان لاءِ وڌيڪ منافعو ڏيڻ لاءِ تيار هئا.

جيڪڏهن سپاٽي ڪا قدرتي آفت برطانيه ۾ تمام ٽيلي وزن تباهه ڪري ڇڏي ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ان جي به قمت اهڙي طرح وڌي وڃي ان ڪي اقتصادي ماهر ”رسدو طلب“ جي سب گهٽ وڌائي چوندا آهن.

ان سبب ڪري ڪافي سارا سرمائيدار جا حامي اقتصادي ماهر چوندا آهن ته قدر جو نظريه محنت سري ڪان بڪواس آهي. سندن چوڻ آهي. ته صرف رسدوطلب ئي قابل ذڪر پهلو آهي. دراصل اهو دليل ئي بڪواس آهي. اها ڳالهه ئي فراموش ڪئي ويندي آهي. ته جڏهن شين ۾ گهٽ وڌائي ايندي آهي ته اهي عام طورتي سراسري سطح جي چوڦير گهٽ يا وڌ هوندي آهي. سمنب لاهرون جي

ڪري لهي ۽ چڙهي ٿو پر ان جو هرگز اهو مطلب ناهي ته اسان ڪنهن مخصوص پوائنٽ جو يقين نه ٿو ڪري سگهجي ساڳئي نموني شين جون قيمتون جنهن سراسري جي چوڌير گهسن ٿيون اها به معلوم ڪري سگهجي ٿي. ائين ئي جئين سمنڊ جي سطح سمنڊ کي هڪ پروانو سمجهي استعمال ڪندا آهيون ساڳئي نموني اها حقيقت ته قيمتون روزمره جي حساب سان وڌن ۽ گهٽ جن ٿيون پر ان جو هرگز اهو مطلب ناهي ته هڪ خاص قدر يعني مخصوص ويليو ان ۾ موجود ناهي هوندي جنهن جي چوڦيس اها گهٽ ۽ وڌ ٿيندي رهندي آهي. مثال طور جيڪڏهن تمام ٿيلي وزن تباهه ٿي وڃن ته ان کان پوءِ سب کان پهرين ٿيلي وزن ڻهندا انهن جي طلب وڌيڪ هوندي ۽ انهن جي قيمت به وڌيڪ حاصل ٿيندي. پر ٿيندو ائين جو اجان ٿورو عرصو مس گذرندو ته سيني مارڪيٽ ۾ گهٽي مقدار ۾ ٿيلي وزن سٺ اچي ويندا ايتري قدر جو هڪ ٻئي سان مقابلو ڪندي سندن قيمتون ان قدر جي بلڪل ويجهو ٿي وينديون جيڪو ان کي ناهڻ لاءِ ضروري محنت جي عرصي ۾ گهربل هوندي آهي.

# مقابلو ۽ ارتڪاز

هڪ وقت هو جڏهن سرمائيداري ظاهري ترقي پسند ۽ ڊائنامڪ نظام طورڏيڻ ۾ ايندو هو، انساني تاريخ گهڻو مردوزن جي زندگي تي استحصال ۽ بيگار جو غلبو رهيو آهي. جڏهن 18 ۽ 19 ويهن صدي ۾ صنعتي سرمائيداري انڊسٽريل ڪپلزرظاهر ٿيڻ شروع ٿي ته ان اِن کي تبديلي نه ڪيو. بلڪه ائين ضرور محسوس ٿيندو هو ته ان استحصال ۽ بيگار کي ڪجهه بامقصد ٿاهي چويو. دولت جي انبارن کي چند طهيل جا گيردان جي عيڏ و ڪشرت يا مري ويل بادشاهن جي مقبرن تعمير ياوري ڪنهن سلطان جي ——— اولاد جي تخت جي حاصلات جي لاءِ بي ڪار جنگين جي بجاءِ سرمائي داري نظام دولت کي اجان وڌيڪ دولت تخليق ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. سرمائي داري جي عروج سان گڏ صنعتي شمون، آمدرفت جي ذريعي جي وڌڻ جو هڪ عهد وابسته ٿيو جنهن جو خواب گذريل انساني تاريخ ڏٺو هو. اڄ اهو بلڪل عجيب ٿو لڳي ڪجهه ته معجزن جا مقام هئا.

انسان خام ڪيم ۽ ”آن“ کي ايتري قدر تيزي سان ڪپڙو ٺاهي هزارين لکين

انسان جي تن ڀڪڻ جو انتظام ڪندي پهرين ڪڏهن ڪو نه ڏنو، اهو سب سرمائيدارن جي ڪنهن خاص حڪمت عملي تحت ڪونه ٿي رهيو هو، اِهي ته شروع کان مڪار رهيا آهن. جيڪي استعمال شده محنت جي عيوض گهٽ کان گهٽ اگهه ڏيئي وڌ کان وڌ دولت پاڻ وٽ رکڻ چاهيندا هئا پنهنجي اڳين حڪمرانن طبقي سان ملندڙ جلندڙ هئا. صرف ٻن معاملن ۾ اهي سرمائيدار پنهنجي اڳين حڪمرانن کان مختلف هئا.

هڪ ته اهو جنهن جو ذڪر پهرين ڪري چڪا آهيون يعني اِهي ماڻهون مزدورن جا آف يا مالڪ نه هئا، ان جي بجاءِ اِهي مزدورن جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت جي عيوض ڪين ڪلاڪن جي حساب سان رقم ادا ڪندا هئا.  اهي سرمائيدار غلام استعمال ڪندا هئا، ٻيو اهو ته سرمائيدار پنهنجي مزدورن جي پيدا ڪيل شين جو استعمال هو پاڻ نه ڪندا هئا جيئن جاگيردار پنهنجي هاري جي پيدا ڪيل کاڌو پنير ۽ مشروب کي پاڻ ئي استعمال ڪندا هئا؛ سرمايه دار پنهنجي مزدور جي پيدا ڪيل مصنوعات کي وڪڻي ڪري جيئن جو بندوبست ڪندا آهن.

چڱو هلو ته پنهنجي پسنديده سرمائيدار ڪريم جي طرف واپس ٿا هلون. فرض ڪريو ته سندس ڪاخاني ۾ ڪپهه جي خاص مقدار کي ڪپڙي ۾ تبديل ڪرڻ ۾ مزدورن کي **10** ڪلاڪ لڳن ٿا، مگر ڪنهن ٻئي ڪاخاني ۾ ساڳئي مقدار **5** ڪلاڪن جي محنت جي برابر لڳائڻ جي قابل نه هوندا، ڪوبه عقلمند اها قيمت ڏيڻ تي تيار نه ٿيندو ڇو ته ساڳئي شي سستي قيمت تي مارڪيٽ ۾ دستياب هوندي جيڪو سرمائيدار ڪاربار ۾ پنهنجي بقا چاهيندو آهي ان کي اها ڳالهه يقيني ناهڻي پوندي آهي ته ان جا مزدور جيتري قدر ٿي سگهي تيز رفتاري سان ڪم ڪن پر معاملو اتي ئي ختم نه ٿو ٿئي، پر ڪيس ان ڳالهه کي ممڪن ناهڻ لاءِ ڪجهه بندوبست به ڪرڻو پوندو آهي. يعني اهو ته سندس ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ مزدور جديد ترين مشينن تي ڪم ڪري رهيا هجن جئين اهي ايتريون ئي شيون هڪ ڪلاڪ ۾ تيار ڪن جيتريون ٻين سرمائيدارن جي لاءِ محنت ڪندڙ مزدور تيار ڪن ٿا. جيڪو به سرمائيدار ڪاروبار ۾ ڇميل رهڻ چاهندو هو ته ان کي ان ڳالهه جي پڪه ڪرڻي پوندي هئي ته هو وڌيا وڌ ذرائع پيدوار جو مالڪ هجي، يا جيئن مارڪس ان کي چوي ٿو وڌ کان وڌ مقدار ۾ سرمايه جو ارتڪاز ڪري.

سرمائيدارن جي وچ ۾ مقابلو هڪ طاقت کي جنم ڏيئي ٿو. جيڪا آهي ”منڊي جو نظام“ يعني مارڪيٽ سسٽم سامهون اچي ٿو. سڀئي سرمائيدار ان سسٽم تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪرڻ چاهيندا آهن.

اها ڪين هر وقت هر گهڙي ڪم ۾ تيزي آڻڻ ۽ جيتري قدر سندس وس ۾ هجي ان کي نين شين جي لاءِ سرمايه ڪاري ان وقت ئي نين مشين جي قابل ٿي سگهيا ٿي جڏهن سندن ارام هڪ طرف ڪري ڇڏجي يعني جيترو ممڪن ٿي سگهي اِهي مزدورن جون اجرتون اوتريون گهٽ رکندا. مارڪس پنهنجي سب کان وڏي ڪم ”سرمايه“ (مارڪس جي ڪتاب ڪيپتال) ۾ لکي ٿو ته سرمائي دار هڪ مفلوڪ الحال فرد جهڙو هوندو آهي اهو وڏڪان وڏ دولت حاصل ڪرڻ ۾ رڌل هوندو آهي، پر.

مفلوڪ الحال ته صرف مخصوص رويو هوندو آهي سرمائيدار تي ان معاشري مڪينزم جو اثر هوندو آهي جنهن جو هو هڪ ڦيٿو آهي. ارمائيداري پيداوار جي پيش رفته اهو لازمي ڪندي ويندي آهي. ته ڪنهن ڪاروبار ۾ هر لمحي لڳايل سرمائي جي مقدار ۾ اضافو ئي ٿيندو وڃي. ۽ مقابلو سرمائيدار نه پيداوارجي اندروني قانون ٺاهين ٿان جيڪي هر انفرادي سرمائيدار کي هڪ ٻاهرين دٻاءُ ۾ آڻڻ وارا قانون محسوس ٿين. اهي ڪين مجبور ڪندا آهن ته هو پنهنجي سرمائي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ان کي برابر ڦهلائيندوجن. پر اها وسعت هو ارتڪاز جي ترقي پسند ذريعن کان سواءِ نه ٿو ڪري سگهي.

ارتڪاز ارتڪاز اهو ئي (سرمائيدار جو) خدا ۽ اهو ئي سندن پيغمبر آهي.

پيداوار انساني ضرورت يا حاجت کي پورو ڪرڻ لاءِ نه ڪئي ويندي آهي. ايتري قدر جو خود سرمائيدار طبقه جي ضرورت جي لاءِ ڪانه ڪئي ويندي آهي. بلڪه هڪ سرمائيدار کي ٻئي سرمائيدار سان مقابلي ۾ اڳيان نڪري وڃڻ يا ڪامياب ٿيڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي. مزدور جنهن کي ڪو هڪ سرمائيدار پنهنجي مخالف سرمائيدار کان وڌيڪ تيزي سان اتڪاز ڪرڻ خاطر ملازمت تي رکندو آهي اهو پنهنجي زندگي تي اهو ئي مقصد حاوي ڏسندو آهي. جئين ته مارڪس ڪميونٽ مينفيئر ۾ بيان ڪري ٿو ته سرمايه دارانه معاشري ۾ زنده محنت محصن هڪ ذريعو هوندو آهي. جڏهن ته زنده شخص کي انهي تي دارومدار رکڻ تي

مجبور ڪندي آهي. ۽ سندس ڪابه انفراديت نه رهندي آهي.

ارتڪاز جي خاطر سرمايه دارون جو هڪ ٻئي سان مقابلي جي لازمي ڪوشش هن نظام جي شروعاتي سالن ۾ صنعتن جي اڳيان وڌڻ ۾ تيزي جي وضاحت ڪري ٿي. پر ان جا ڪجهه ٻيا نتيجا به نڪرن ٿا، بار بار پيدا ٿيڻ وارا معاشي بحران، اهي بحران نوان ناهن، اهي ايترائي قديم آهن جيترو ڪه هي نظام به ذات خود آهي.

# معاشي بحران

سرمائيدار نظام جي لاڙن جو خلاصو مارڪس ائين ڪييو هو. دولت جو ارتڪاز هڪ طرف ۽ غربت جو ارتڪاز ٻي طرف، هڪ سرمائيدار ڪي ٻي سرمائيدار هٿان مقابلي جو خوف لاحق آهي. انهي ڪري هو پاڻ وٽ رکيل ملازم مزدورن کان جيتري قدر ممڪن ٿي سگهندو اويترو سخت پورهيو ڪرائيندو آهي. ۽ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهندو آهي سندس اجرت گهٽ کان گهٽ ادا ڪري پنهنجو رستو ونندو آهي.

ان عمل جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ذرائع پيداوار ۽ دولت جي هڪ وڏي مقدار جو هڪ هنڌ جمع ٿين ۽ اجرتن ۾ محدود اضافه ۽ مزدورن کي ڪم تي رکڻ واري تعداد ۾ محدود اضافو جي وچ ۾ تناسب بگڙي وڃي ٿو، مارڪس زور ڏيئي چوي ٿو اهو ئي معاشي بحرانن جو بنياد آهي

ان کي سولي انداز سان ڏسڻ لاءِ اهو پڇيو ويندو آهي ته اضافي تعداد ۾ پيدا ٿيڻ وارين شين کي ڪير خريد ڪندو آهي؟؟ مزدورن جي گهٽ اجرت جو مطلب اهو آهي.ته هو پنهنجي محنت سان پيدا ڪيل شيون خريد ڪرڻ جا قابل نه ٿا ٿي سگهن چو ته ان سان منافعو برباد ٿي ويندو جيڪو هن نظام کي هلائڻ جو محرڪ آهي.

پر جيڪڏهن ڪارخاني پنهنجي پيدا ڪيل شيون وڪڻي نه ٿا سگهن ته ڪين ڪارخانا بند ۽ مزدورن کي بيدخل ڪرڻو پوي ٿو. تڏهن اجرتن جو مجموعي تعداد وڌيڪ ڪري ٿو. ساڳئي نموني ٻيا ڪارخانيدار به پنهنجو مال ڪرو نه ٿا ڪري سگهن. ائين وڏو پيداوارا جو بحران شروع ٿي وڃي ٿو. پوري معشيت ۾ مال ۽

اسباب جو ڍڳ جمع ٿي وڃي ٿو. جنهن کي خريد ڪرڻ جي سگهه کان ماڻهون محروم هوندا آهن.

اها سرمائيدار معاشري جي گذريل 160 سالن کان باربار پيدا ٿيندڙ خصوصيت رهي آهي. ليڪن هن نظام جا معذرت خواهه جلدئي ان طرف اشارو ڪندا ته ان بحران مان نڪرڻ جو آسان رستو هجڻ گهرجي يا ائين ڪرڻ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي ته سرمائيدار پنهنجو منافعو نيئن فيڪٽرين ۽ مشينن ۾ لڳائن ۽ اهي مزدورن کي ڪم فراهم ڪندا ۽ پوءِ هر غير وڪرو ٿيل شين کي خريد ڪرڻ جي قابل ٿي ويندا ان جو مطلب اهو ٿيو ته جيستائين نيئن سرمايه ڪاري ٿيندي رهندي ته نيون پيدا ٿيندڙ شيون قابل فروخت رهنديون ۽ اهڙي نموني هر نظام مڪمل روزگار فراهم ڪري سگهي ٿو. مارڪس اپڙو چسو نه هو جو ان کي ان ڳالهه جو احساس نه هو، درحقيقت جيئن اسان ڏنو ته ڪيس ان ڳالهه جو ادراڪ هو ته سرمائيدارن کي مقابلي جو دٻاءُ ڪين سرمائڪاري ڪرائي ٿو. ان نظان جو مرڪزي ٿنيو يئ اهو آهي.پرهو سوال ڪري ٿو ته ڇا سرمائيدار سدائين پنهنجو سڄو منافعو سرمايه ڪاري ۾ لڳائيدا؟؟

سرمايه دار شين جي پيداوار ۾ ان وقت سرمايه ڪاري ڪندو جڏهن هو سمجهندو ته ائين ڪرڻ سان ڪيس معقول ”منافعو“ ملندو.

جيڪڏهن ڪيس خبر هجي ته ائين ڪرڻ سان ڪو خاص منافعو نه ملندو ته هو.ته هو پنهنجي رقم سرمايه ڪاري جي ور چاڙهڻ جو خطرو نه کڻندو ۽ پنهنجي منافعي کي بينڪ ۾ ئي رکڻ ۾ بهتري سمجهندو.

سرمائيدار سرمايه ڪاري ڪري ٿو يانه ان جو انحصار ان ڳالهه تي ناهي ته هو معاشي صورت حال جو تجزيو ڪئين ڪري ٿو. ڪين جڏهن سرمايه ڪاري ڪرڻ مناسب معلوم ٿيندي آهي ته سڀئي سرمائيدار سرمائيڪاري ڪرڻ ۾ جنبي ويندا آهن. هڪ ٻئي سان مقابلي ڪندي هي ”ڪنٽريڪشن سائيٽ“ ”مشينون خريد ڪرڻ“ خام مال جي لاءِ مختلف هنڌ ڳولڻ“ ۽ هنرمند کي اوسط کان وڌيڪ اجرت ادا ڪرڻ جي جستجو ۾ نڪري پوندا آهن.

اها صورتحال عام طورتي جو تيزي، بوم يا گرم بازاري چورائيندي آهي. پر زمين، خام مال ۽ هنرمند افرادي قوت جي لاءِ چريائپ جي حد تائين مقابلو هنن

سپني جي قيمتن ۾ اضافي جو باعث بنجي ٿي . ۽ اوچتو هڪ اهڙي حد اچي وڃي ٿي. جتي چند ڪارخانيدارن کي پتو پوندو آهي. ته سندن پيداواري لاڳيت ايتري حد تائين وڌي ويئي آهي. جو ان مان سندن منافعو غائب ٿي ويو آهي.

سرمايه ڪاري جي گرم بازاري هڪدم ئي سرمايه ڪاري جي پاڙائي (مندي) جي لاءِ رستو چڙي ڏيئ ٿي: هاڻي ڪو به نيون فيڪٽريون لڳائڻ لاءِ آماده ناهي هوندو، تعميراتي مزودر ڪم کان فارغ ڪيا ويندا آهن، ڪوبه نئين مشين جو خواهش مند ناهي هوندو. مشينن ۽ اوزارن واري انڊسٽري بحران جو شڪار هوندي آهي. ڪير به نئين لوهه يا سٽيل جي پيداوار جو خواهش مند ناهي هوندو. اسٽيل انڊسٽري اوچتو ئي گنجائش کان گهٽ تي پيداوار ڏيڻ لڳندي آهي. ۽ غير منافع سڌي ويندي آهي. هڪ ٻئي پويان فيڪٽريون بند ٿيڻ شروع ٿينديون آهن جنهن سان مزدوري تباهه ٿي ويندي آهي. ۽ ان سان گڏوگڏ مزدورن جي ٻين شين جي خريدن جي قوت به ختم ٿي ويندي آهي.

سرمائيداري جي تاريخ وري بحرانن جي تاريخ رهي آهي. جنهن بي روزگار مزدور خالي فيڪٽرين جياڳيان بکيا پيا مرندا آهن. جڏهن ته ”غير ضروري“ شين جا انبار (اسٽاڪ) پيا سڙندا آهن. سرمايه داري زئد پيداواري جو اهو بحران وقفي وقفي سان پيدا ڪندو رهندو آهي. ڇو ته ان جي اندر ڪابه پلانگ يا منصوبه بندي ڪانهي سرمائيداري هٿان بربادي کي روڪڻ جي لاءِ سرمايه ڪاري جي اچڻ وڃڻ جو ڪو فوري رستو ناهي.

ماڻهون سوچيندا هئا ته رياست (جي مداخلت) ان کي روڪي سگهجي ٿو. اقتصاديات ۾ دخل اندازي سان ان وقت سرمايه ڪاري وڌائي جڏهن نجي سرمايه ڪاردان مان پنهنجو چڪي رهيا هجن اهڙي نموني رياست دخل اندازي ان کي پورو ڪري ڇڏيندي، ليڪن اڄڪلهه ته رياستي سرمايه ڪاري به ان چريائپ جو حصو آهي.

5 سال اڳ سرشش اسٽيل ورڪز کي ٻڌايو ويو ته ارزان ۽ وڏيڪ اسٽيل ناهڻ جي لاءِ اٽوميٽڪ جديد ۽ وڏا فرنس ٻزائن ڪيا ويا آهن. جنهن جي ڪري سندن نوڪريون ختم ڪيون پيون وڃن هاڻي کين ٻڌايو پيو وڃي ته اجان وڏيڪ مزدورن کي نوڪري تان هٽ ڪٽڻو پوندو ڇوته رڳو برطانيه ئي واحد ملڪ ناهي

جيڪو ان منصوبن ۾ وڏي پئماني تي سرمايه ڪاري ڪري ٿي. فرانس، جرمني، آمريڪه، برازيل، مشرق يورپ ايتري قدر جو جنوبي ڪوريا به ساڳئي نموني سرمايه ڪاري رهيون آهن. هاڻي دنيا ۾ اسٽيل جي پيداوار زياده آهي. زياده پيداوار جو بحران، رياست طرفان سرمايه ڪاري ۾ ڪٽوتي ڪئي ويندو آهي.

يقينً اسٽيل ورڪز پنهي طريقن سان نقصان ۾ ويندا آهن. هڪ اهڙو معاشي نظام جنهن ۾ صرف منافعي ۾ دلچسپي رکڻ واري هڪ ننڍڙي مراعات يافته گروپ جو پيدا ٿيندڙ دولت جي هڪ وڏي حقدار ڪي پنهنجي ڪنٽرول ۾ ڪرڻ جي قيمت هاڻي به پوري انسانيت کي پرڻي پوي ٿي ان انسان ڪو به فرق نه ٿو پوي ته مراعات يافته گروپ ڊائريڪٽر ان جا مالڪ آهن يا ان سڌي طرح ان کي رياست جي ذريعي ڪنٽرول ڪن ٿا.

# مزدور طبقو

مارڪس ڪميونسٽ ميني فيئو جي شروعات هن بيان سان ڪئي. ”هن وقت تائين جي معاشرن جي تاريخ(دراصل) دراصل طبقاتي ڪشمڪش جي تاريخ آهي.

اهو سوال ته ڪئين حڪمران طبقي محڪوم طبقي کي پنهنجي لاءِ دولت دولت پيدا ڪرڻ الاءِ مجبور ڪيو هو. تمام گهڻو اهم هو. انهي سبب جي ڪري يوئين هر معاشري ۾ تمام وڏيون طبقاتي جنگيون ٿيون، جيڪي اڪثر خانه جنگي جي شڪل ۾ نقطه عروج تي پهتو هيون.

قديم رومي(سلطنت) ۾ غلامن جي بغاوت فرون يورپ ۾ هارين جون بغاوتون پارنهين ۽ ارڙهين صدي ۾ عظيم خانه جنگيون ۽ انقلاب . انهن سڀني وڏن ڪشمڪشن ۽ جدوجهدن ۾ باغي قوتن جو تعلق معاشري جي سڀني ڪان وڏيڪ جلدي ئي اضافو ٿو ڪري ته طبقي جي سچي ڪوشش جو نتيجو هڪ مراعات يافته اقليتي اشرافيه جي جاءِ تي ٻي اقليتي اشرافيه گروپ کي مسند اقتدار تي ويهارڻ جي صورت ۾ نڪرندو هو. ان ڪري ئي مسئلا چين ۾ ڪيئن ڪامياب هاري بغاوتون ٿيون، پر هنن هڪ سلطان جي جاءِ تي ٻي سلطان تخت تي ويهارڻ جو فرض پورو ڪرڻ ڪان علاوه وڏيڪ ڪجهه نه ڪيو. ساڳئي نموني فرانسي انقلاب ۾ به سڀني ڪان وڏيڪ جدوجهد ڪرڻ وارا پئرس جا غريب طبقا هئا نتيجي

۾ معاشري تي بادشاهه ۽ ان جي وزيرن جي جاءِ تي هنن پيڙيل طبقي جو نه بلڪه بيڪارن ۽ صنعتڪارن جو اقتدار قائم ٿيو.

هيٺيون طبقو جن انقلابن ۾ وڙهيو ۽ اتي اقتدار حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيون ان جا وڏا سبب آهن. هڪ اهو ته معاشري ۾ دولت جي عمومي سطح تمام گهٽي گهٽ هئي. عوام جي هڪ وڏي تعداد حد درجي جي غريب جو شڪار رهي هئي. اهو صرف ان ڪري هو جو صرف هڪ ننڍي آبادي کي (اقليت) وٽ تهذيب کي برقرار رکڻ خاطر ۽ ارٽ سائنس کي ترقي ڏيارڻ لاءِ وقت ۽ فرصت هوندي هئي، ٻين لفظن ۾ معاشري جي ترقي لاءِ طبقاتي تقسيم ضروري هئي. ٻيو سبب اهو هو. ته پيڙيل ۽ مظلوم طبقن جا زندگي جي حالتن کين ان ڳالهه لاءِ تيار ئي نه ڪيو هو (يعني کين ان قابل ئي نه ڻاهيو هو ته ڪو هو معاشري جو نظهرو ضبط هلائين هان اهي ماٺهون گهٽو ڪري اٽيڙهيل هئا. کين پنهنجي علائقن (locality) کان ٻاهر شين جي باري تمام گهٽ ڄاڻ هوندي هئي.

سڀ کان وڏي ڳالهه ته سندن روز مره جي زندگي کين هڪ ٻئي جي اڳيان اڇي بيهاريندي هئي. هر هاري کي پنهنجي زمين ڪاشت ڪرڻ جو فڪر لڳو پيو هوندو هو. ننڍين شهرن ۾ ڪم ڪرڻ وارا ڪاريگر پنهنجو ئي ننڍو وڏو ڌنڌو هلائيداهئا، ۽ ڪنهن حد تائين ٻئي ڪاريگر سان مقابلي ۾ هوندو هو. (اهو سب) کين متحد ٿيڻ نه ڏيندو هو. تحريڪون شروع ٿينديون، هيون، پر جيئن ئي هو جاگيردار کي شڪست ڏيندا هئا ته پوءِ وري پاڻ ۾ ان زمين تي قبضي ۽ حصو پتي حاصل ڪرڻ تان وڙهي پوندا هئا، جئين مارڪس چوندو هو” هاري ٻوري ۾ بند پٽاٽن وانگي هوندا آهن، اهي ٻاهرين طاقت ذريعي متحد ۽ گڏ ڪري سگهجن ٿا. پر اهي اڃان پنهنجا مفاد پيش ڪرڻ لاءِ مستقل پائيچاري جي قابل نه ٿيا هئا.

جديد سرمائيداري (نظام) ۾ دولت پيدا ڪرڻ وارن مزدور تمام گذريل پيڙيل ۽ مظلوم هيٺين طبقن کان مختلف آهي.اول ته اهو ته هاڻي انساني ترقي جي لاءِ طبقاتي ورڇ جي ڪا ضرورت ناهي ڇو ته هاڻي دولت ايتري قدر پيدا ڪئي پئي وڃي جو سرمايه دارنه معاشره ان کي ان جو هڪ وڏو حصو ڪيئ دفعا جنگين يا وري بحرانن جي ورڇاڙهي برباد ڪندو رهندو آهي. ان سڄي دولت جي برابر ورهاست ڪري سگهجي ٿي ۽ ان کان پوءِ معاشري وٽ سائنس و آرٽس ۽ ٻين

هنرن ۽ فنون لطيفه وغيره جي وڌڻ ويجهڻ جي لاءِ درڪار دولت بچيل هوندي.

پيوته سرمائيداري تحت زندگي مزدورن کي ڪيترن ئي طريقن سان معاشري تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ٿي.مثال طور سرمائيدري کي تعليم يافته ۽ هنرمند مزدور جي ضرورت آهي، ۽ سرمائيداري هزارين مزدورن کي هڪ مقام تي جمع ٿيڻ تي مجبور ڪري ٿي (وڏن ڪارخانن ۽ فرمن ۾ ) چٽي هو هڪ ٻئي سان ويجهن لاڳاپن ۾ اچن ٿا. ۽ اهي معاشري کي تبديل ڪرڻ واري هڪ طاقتور قوت ٿي سگهن ٿا.

سرمائيدري مزدورن کي پيدوار خاطر ڪارخانن ۾ پاڻ ۾ تعاون ۽ پائيچاري لاءِ مجبور ڪندي آهي. ۽ اهو پائيچاري وارو ماحول تمام سولائي سان نظام جي خلاف مڙي سگهي ٿو. يا وري مزدور پنهنجو پاڻ کي يونين جي ذريعي منظم ڪندا آهن. جنين ته مزدورن جي اڪثريت پاڻ ۾ ٻڌل هوندي آهي ان ڪري مزدورن ۾ جمهوري طور تي پوئين پيڙهيل طبقن جي3 برعڪس، اهڙن ادارن جي (تشڪيل) تمام گهڻي سولي آهي. وڌيڪ اهو ته سرمائيداري اهو رجحان موجود هوندي آهي ته اها اهڙن ماڻهن کي جيڪي پنهنجو پاڻ کي عام مزدور کان مٿاهئون سمجهندا آهن (مثلا ٽيڪنيڪن ، انجنيئر وغيره) کين اجرتي مزدور ٺاهيندي آهي ۽ پوءِ اهي به ٻين مزدورن وانگي يونين (ايسو سيشن) ۾ منظم ٿيڻ تي مجبور ڪيا ويندا آهن. آخر ۾ اهو ته مواصلات ريلوي، روڊن،رستن، هوائي رابطن، ٽپال تار، ريڊيو، ٽي وي جي ترقي مزدر کي اهو موقعو فراهم ڪري ڇڏيو آهي اهي پنهنجي صنعت يا علائقي کان ٻاهر رابطا ڪري سگهن، هاڻي مزدور قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي منظم ٿي سگهن ٿا.

ان جو مطلب اهو آهي ته مزدور طبقو نه صرف اهڙي قوت ٿي سگهي ٿو. جيڪو معاشري ۾ بغاوت ڪري فتح حاصل ڪري سگهي ٿو بلڪه پنهنجو پاڻ کي منظم به ڪري سگهي ٿي ته جيئن اهي معاشري کي پنهنجي مفاد ۾ تبديل ڪري نه کي ڪنهن سلطان يا بينڪار جي گروپ جو اقتدار قائم ڪري جيئن ته ڪارل مارڪس چوي ٿو. پويون تمام تاريخ تحريڪون اقليت جون اقليت جي مفاد جون تحريڪو ن هيون. مزدور طبقه جي تحريڪ خود شعوري تي وڏي اڪثريت جي وڏي اڪثريت جي مفاد ۾ آزاد نه تحريڪ آهي.

بحرانن جو لاڙو شدت طرف چو آهي.

بحران ساڳئي طريقي سان هميشه واقع ناهي ٿيندا. مارڪس اڳڪٿي ڪئي هئي ته وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ان جي شدت وڌندي ويندي. ايتري حد تائين جو جيڪڏهن سرمايه ڪاري يڪسان شرح سان مسلسل ڪئي وڃي تڏهن به اها ان رحجان کي روڪي نه ٿي سگهي. چو ته سرمايه دارن وچ ۾ مقابلو کين مجبور ڪندو آهي. ته گهٽ محنت خرچ ڪرڻ واري آمدني ۾ سرمايه ڪاري ڪن.

اڄڪلهه برطانيه ۾ هر قسم جي سرمايه ڪاري کي ملازمت ۾ رکيل مزدورن جو تعداد گهٽائڻ لاءِ ڊزائن ڪيو ويندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اڄ برطانيه ۾ پوئين 10سالن جي مقابلي ۾ گهٽ انڊسٽري ۾ گهٽ مزدور آهي. جڏهن ان عرصي ۾ پيدوار ڪجهه وڌي آهي.

صرف”ريشل لائزنگ پروڊڪش“ پيداواريت وڌائي ۽ افرادي قوت گهٽ ڪري ئي هڪ سرمائيدار ڪيڪ (منافع) ۾ بئي سرمائيدا کان وڌو حصو حاصل ڪري سگهي ٿو، ليڪن ان جو نتيجو مجموعي طور تي پوري نظام جي تباهي آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته مزدورن جو وڌو حصو سرمائي جي رفتار وانگي ڪجهه به نٿا وڌائي سگهن.

مگر اهي مزدور ئي آهن جيڪي منافع جو ذريعو آهن. هڪ اهڙي توانائي جا هن نظام کي هلائيندي پئي اچي جيڪڏهن توهان پيداوار جي ذرائع ۾ گهٽو اضافو نه ڪري رهيا آهيو ۽ سرمائيڪاري وڌائي رهيا آهيون ان جو مطلب ته توهان تباهي طرف وڌي رهيا آهيون. بلڪل ائين جيئن توهان هڪب هئي بس لاءِ گهربل تيل مان توقع ڪيو ته ان مان جهاز هلي ويندو.

ان ڪري 100 سال پهرين مارڪس چيو هو ته سرمائيداري جا نون اوزار (مشينون) ۾ سرمايه ڪاري جي ڊير لڳائڻ ۾ ڪاميابي جو نتيجو منافع جي شرح گهٽجڻ جي رجحان جي صورت ۾ نڪرندو آهي. جنهنجو مطلب بحران کي وڌيڪ شيديد ٿاهڻ.

مارڪس جي ان دليل کي آساني سان اڄ جي سرمائيداري تي لاڳو ڪري سگهجي ٿو. پهريان ”خراب ڏينهن“ کان پوءِ ”چڱان ڏينهن“ ڪاروبار ۾ پاڙائي کان پوءِ گهر گهمي ايندي هئي، پر هاڻي اسان کي نه ختم ٿيندڙ پاڙائي (مندي) ئي

نظر اچي ٿي. مٿي (تيزي) طرف ويندڙ ڪو دروازو، بي روز گاري ۾ ڪمي اهو سڀ تمام محدود ٿوري عرصي لاءِ ٿيندو آهي.

سرمائيداري نظام جا طرفدار چون ٿا ته اهو سڀ ان لاءِ آهي ته سرمائي ڪاري ڪافر ناهي. نئي سرمايه ڪاري ڪان سواءِ نوان ڪم نه ٿيندا ۽ نين نوڪرين ڪان سواءِ نين شين کي خريد ڪرڻ لاءِ رقم نه هوندي، ان حد تائين ته اسان هنن سان متفق آهيون، پر ان سان نه ته ائين چو ٿو ٿئي هو اجرتن کي مورو الزام سڏين ٿا.

اجرتون تمام گهٽيون بقول هنن جي ان سان منافع ۾ گهٽتائي اچي ٿي. اگر ڏنو وڃي ته بحران ته ان وقت به موجود ۽ جاري هو جڏهن (جن سالن ۾) حڪومت مزدورن جي معيار زندگي ڪيرائڻ واريون پاليسون اختيار ڪيون هيون ۽ ان سان منفافعو به وڌيو، هن ملڪ ۾ 1975_78 جي عرصي ۾ مازدورن جي معيار زندگي ۾ هن صدي جي سڀ ڪان وڌي ڪٽوتي ڪئي ويئي. آبادي جي مشينن طبقي جي 10 سڪڙو ماڻهن وٽ قومي ڪيڪ (آمدني) ۾ 1974ع ۾ حصو ء% 57.8 مان وڌي 1976 ۾ 60 سيڪڙو ٿي ويو هو.

پوءِ به بحران ختم ڪرڻ لاءِ ڪا گهٽي سرمايه ڪاري نه ڪئي ويئي. اهو صرف برطانيه لاءِ درست ناهي بلڪه ٻين ملڪن مثلا جرمني فرانس جپان جي لاءِ درست آهي جتي مزدور جي اجرتن ۾ ڪٽوتي ڪئي ويئي.

اسان لاءِ 10 سال پهريائين چوڻ واري کي ٻڌڻ بهتر آهي. بجاءِ انهن جي جيڪي اڄ جي سرمائيداري جي لاءِ معزرت خواه (طرف دار) بڻيا ويا آهن.

مارڪس چيو هو ته ساردائيداري جيتري پڪي عمر جي ٿيندي ويندي اويتري قدر ان جا بحران شديد تر ٿيندا ويندا.

چو ته منافع جو ”سرچشمو“ يعني مزدور سرمايه ڪاري جي وڌڻ سان گڏ ايترو تيزي سان ڪم تي نه ٿا رکيا وڃن. مارڪس هو سڀ ان وقت لکيو هو جڏهن هر مزدور کي ڪم تي رکڻ لاءِ گهربل پلانٽ ۽ مشينن جو تعداد تمام گهٽ هوندو هو.

ان وقت ڪان هاڻي اهي ڪافي وڌي چڪيو آهن، ۽ هاڻي اهي 20هزار پائونڊ ڪان 30هزار پائوڊ تائين ٿي سگهن ٿيون. سرمايه دارڪارخانن جي وچ مقابلو ڪين

مجبور ڪندو آهي. ته هو (پنهنجي مد مقابل سرمائيدار جي مقابلي ۾) وڏيڪ وڏيون ۽ مهانگيون مشينون استعمال ڪري، ڪيترين ئي صنعتن ۾ ته هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي جو هاڻي اهو سڀ نڪري ٿو سمجهي وڃي ته نين مشينن جو استعمال معنى مزدورن جو تعداد گهٽائڻ آهي.

بين الاقوامي معاشي ايجنسي (OECD) حساب لڳايو آهي. ته ايندڙ پنجن سالن ۾ دنيا جي وڏين معشينن ۾ مزدوري گهٽجي ويندي، جڏهن ته جيڪڏهن معجزاتي طورسرمايه ڪاري وڏي به وڃي،جيڪا وڌندي ڪانه چو ته سرمائيداري کي منافع ڪمائين جي چنتا لڳي، پيئي هوندي آهي.اگر سندن سرمايه ڪاري چوڻ تي وڌي ۽ ٻئي پاسي سندن منافعي ۾ ٻيڻ تي واڌ اچي ته هو. حقيقت ۾ پريشان ٿي ويندا آهن. پوءِ جيڪڏهن صنيت ”منافع جا سرچشما“ مزدورن کان وڏيڪ تيز رفتاري سان وڌندي ته ائين ضرور ٿيندو.

مارڪس ان کي شرح منفافعي جي گهٽجڻ جو رجحان سڏي ٿو. هن اڳڪٿي ڪئي هئي ته آخرڪا اهڙو هڪ نقطو اچي پهچندو جتي نئي سرمايه ڪاري هڪ فضول ڳالهه لڳندي.

نون پلانٽن ۽ مشينري جي لاءِ خرچ تمام گهڻو ٿيندو ۽ منافعو پهرين کان به گهٽ ٿيندو، جڏهن اهو وقت اچي پڄندو ته هر سرمائيدار (سرمايه داررياست) نئي وڏي سرمايه ڪاري جي پروگرام سان جوش ۾ ايندي پر ان جي ٻڏي وڃڻ جي خرشه کان خوفزده به ٿيندي. اڄڪلهه جي عالمي معشيت (اقتصاديات) ڪجهه اهڙي آهي. برٽش لي ليندن پروڊڪشين لائنز ناهڻ جو هن جيو تيار ڪري ٿي......پر خوفزده آهي، ته رقم ٻڏي ويندي، برٽش اسٽيل نوان ۽ وڏا پلانٽ لڳائڻ جا خواب ڪيترا سال پهرين ڏٺاهئا، پر اهي سڀ منصوبا مردخاني حوالي ڪرڻ پيا چو ته هي اجان پنهنجي موجوده پيداوار کي ئي وڪڻڻ جي قابل ناهن، جاپاني شپ بلندبرن نئي ياربز ۾ سرمايه ڪاري ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڪجهه پراڻ بند ڪيا پيا وڃن. سرمايه داري جو پهرين کان وڏيڪ وسيع ۽ وڏيڪ پيداوار ڏيڻ وارين مشينن کي ايجاد ڪرڻ ۾ ڪاميابي بظاهر نظام کي هڪ مستقل بحران ۾ وجهي ڇڙيو آهي. قديم دنيا جي غلام دارانه سماجن ۽ قرون وسطرا جي جاگيردارانه سماجن ۾ هڪ اهڙو وقت آيو هو جتي يا ته انقلاب معاشري کي

تبديل ڪن هان يا وري هو هڪ مسقل بحران ڪي منهن ڏين ها جيڪو ڪين ”پسماندگي طرف ڌڪي ڇڏي هان. رومي صورت حال ۾ انقلاب برپا نه ٿيڻ جي نتيجي ۾ روم تهذيب جي تباهي ۽ اونداهي دور جي صورت ۾ نڪتو ڪجهه جاگيردارانه معاشرن ۾..... پهريائن برطانيه ۽ پوءِ فرانس.......۾ انقلاب جي برپائين پهرين نظام ڪي تباهه برباد ڪري ڇڏيو ۽ سرمايه داري جي جهنبڊي هيٺ نئي معاشرت ڪي اڳتي وڌڻ ڏنو.

هاڻي وري سرمايه داري بذات خود مستقل بحرانن ۽ سوشلٽ انقلاب جي وچ ۾ انتخاب ڪي منهن ڏيٺو آهي. سرمايه داري ۾ بحران جو مطلب آخرڪار انسانيت ڪي جنگ ۽ غربت هٿان بربريت ڏڪڻ آهي. سوشلٽ انقلاب جو مطلب انسان جو اڳتي وڌڻ ۽ ترقي آهي.